# موت ۽ قبر جي تياري

11-May-2017



شبِ براءت (1438) کو اجتماعِ ذکر و نعت میں ہونے والا
سنتوں بھرا بیان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# موت ۽ قبر جي تياري

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه    وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه    وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الاِعْتِكَاف (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِپاڪ جي فضيلت

رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: زَيِّنُوْا مَجَالِسَكُمْ بِالصَّلَاةِ عَلَيَّ فَاِنَّ صَلَاتَكُمْ عَلَيَّ نُوْرٌ لَّكُمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ يعني توهان پنهنجن مجلسن کي مون تي دُرُودِپاڪ پڙهي سينگاريو ڇوتہ توهان جو مون تي دُرُود پڙهڻ قيامت جي ڏينهن توهان جي لاءِ نور هوندو. (جامع صغير،حرف الزای ،ص۲۸۰، حديث :۴۵۸۰)

اپنے خَطا واروں کو اپنے ہی دامَن میں لو    کون کرے یہ بَھلا تم پہ کروڑوں دُرُود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الکبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدی الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

www.dawateislami.net

**ﭘﻪ مدني گُل:** 1 بنا سني نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 جيتريون سنيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا پيجي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهورڻ، جهڙڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ شبِ براءَت آهي، ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي رات آهي ، ڀلائين واري وڏي عظيم رات آهي، رحمتن ڀري رات آهي، دُعائون قبول ٿيڻ واري رات آهي، بخشش جي رات آهي، رزق تقسيم جي ٿيڻ رات آهي، حاجين جا نالا لکجڻ واري رات آهي، جهنم کان ڇوٽڪارو ماڻڻ جي رات آهي، سعادت مندي يا بدبختي لکجڻ واري رات آهي، اڄ اها رات آهي جو آئنده شبِ براءَت تائين مرڻ وارن جا نالا ملڪ الموت حضرتِ سيدنا عزرائيل عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي حوالي ڪيا ويندا آهن، هاءِ! اسان کي خبر ناهي تہ اسان جي باري ۾ ڇا لکيو ويندو؟.

زِندگي موت جي اَمانت آهي جيڪا آهستي آهستي ۽ ڪڏهن اوچتو ئي موت جي مُنهن ۾ هلي ويندي آهي، هر جاندار کي موت جي دروازي تان لنگهڻو پوندو. موت جو وَقت يقيناً مقرر آهي پر اسان کي ان جو علم ناهي تہ ڪڏهن موت اسان جي سامهون ايندو. پر جڏهن مٽي ۽ ڏاڙهي جي وارن ۾

چانڊوڪي چمڪڻ لڳي (يعني اڇا وار ظاهر ٿين) ۽ عُمر به وڌي وڃي ته پوءِ سمجهي وڃڻ گهرجي ته هاڻي اِمتحان مٿي تي آهي ڇاڪاڻ ته جواني جي اُڌام کان پوءِ پوڙهائپ جي لاهي چڙهه ته موت جو پيغام ڏئي رهي آهي. اڄ پنهنجي عملن جو جائزو وٺڻ جي رات آهي، پنهنجي گريبان ۾ جهاتي پائي، مڪمل يڪسوئي ۽ ڌيان سان پنهنجي عملن تي غور ڪرڻو پوندو ته الله تبارڪ وتعاليٰ جي طرفان ملندڙ انمول نعمت "زندگي" جي قِيمتي ڏينهن ڪي ڇا مان الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ گذاري رهيو آهيان يا صبح ۽ شام گُناهن جو ئي سلسلو جاري آهي، پنهنجو جائزو وٺڻو پوندو ته ڇا رمضان المبارڪ جي عِلاوه به قرآنِ ڪريم جي تِلاوت ۽ زِيارت جي سعادت ملندي آهي يا نه؟ پنهنجو جائزو وٺڻو پوندو ته منهنجي نيڪ عملن ۾ اِضافو ٿي رهيو آهي يا نه؟.

قُربان وڃجي! اسان جي اَسلاف جي مدني سوچ تي جيڪي هر وقت نيڪيون ڪرڻ جي باوجود به الله عَزَّوَجَلَّ جي خوف مان ڏڪي پوندا هئا، پنهنجي عملن جو جائزو وٺندا رهندا هئا، جڻ ته هر رات کي شبِ قدر سمجهندا هئا يعني سڄي رات عِبادت ۾ گذاري ان رات جي قدر ڪندا هئا، اهڙي طرح هر رات کي شبِ براءَ ت سمجهندا هئا. موت کي هر وقت ياد رکندي قبر ۽ آخرت جي تياري ڪرڻ وارن نيڪ ٻانهن مان اڇو! هڪ عظيم هستي، عادل خليفو، امير المومنين حضرت سيدنا ابوحَفْص عُمَربن عبد العزيز رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو موت کي اڪثر ياد ڪرڻ ۽ قبر جي تياري جو انداز پڙهون ٿا، اي ڪاش! انهن جي صدقي اسان کي به موت ۽ قبر جي تياري جي مدني سوچ نصيب ٿي وڃي.

## قبر جي ڏڪائيندڙ پُڪار

حضرت سيِّدُنا عُمر بِن عبدُالعزِيز رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه هڪ جنازي سان گڏ قبرستان تشريف کڻي ويا، جڏهن ماڻهن صفون ناهيون ته پاڻ سڀ کان پوئتي هليا ويا ۽ هڪ قَبر وٽ ويهي غور وفڪر ۾ پئجي ويا، اوهان جي دوستن پڇيو: اي

www.dawateislami.net

اميرُالمومنين! اوهان تہ ميت جا ولي آهيو ۽ اوهان ئي پوئتي هليا ويا، ڪنهن عرض ڪيو: يا اميرالمؤمنين اوهان هتي اڪيلا ڪيئن تشريف فرما آهيو؟ فرمايائون: ”هاڻي هاڻي هڪ قبر مون کي سڏيو ۽ چوڻ لڳي: اي عمر بن عبدالعزيز مون کان چونہ ٿو پڇين تہ مان پنهنجي اندر اچڻ وارن سان ڪهڙو سلوڪ ڪريان ٿي؟ مون انهيءَ قبر کي چيو: مون کي ضرور ٻڌاءِ. اها چوڻ لڳي: جڏهن ڪو منهنجي اندر ايندو آهي تہ مان ان جو ڪفن ڦاڙي جسم جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ۽ ان جو گوشت کائي ڇڏيندي آهيان، ڇا توهان مون کان هي نہ پڇندؤ تہ مان ان جي سَنڌن(جوڙن) سان ڇا ڪندي آهيان؟ مون چيو، ضرور ٻڌاءِ. تہ چوڻ لڳي: هٿن کي ڪراين کان، گوڏن کي پِنين کان ۽ پِنين کي قدمن کان جدا ڪري ڇڏيندي آهيان. ايترو چوڻ کان پوءِ حضرت سيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه سڏڪا ڀري روئڻ لڳا، جڏهن ڪجھ افاقو ٿيو تہ ڪجھ هن طرح عبرت جا مدني گل ٻڌائڻ لڳا: هن دنيا ۾ اسان کي تمام ٿورو عرصو رهڻو آهي، جيڪو هن دنيا ۾ (سخت گنهگار هئڻ جي باوُجُود) صاحبِ اقتدار آهي اهو (آخرت ۾) انتهائي ذليل ۽ خوار آهي، جيڪو هن دنيا ۾ مالدار آهي اهو (آخرت ۾) فقير هوندو. هن جو جوان پوڙهو ٿي ويندو ۽ جيڪو زنده آهي اهو مري ويندو، دنيا جو توهان جي طرف اچڻ توهان کي ڌوڪي ۾ نہ وجهي، ڇو تہ توهان ڄاڻيو ٿا تہ هيءَ تمام جلد رخصت ٿي ويندي. ڪيڏانهن ويا قرآن شريف جي تلاوت ڪرڻ وارا؟ ڪيڏانهن ويا بيت الله جو حج ڪرڻ وارا؟ ڪيڏانهن ويا رمضان جا روزا رکڻ وارا؟ مِٽي انهن جي جسمن جو ڇا حال ڪري ڇڏيو؟ قبر جي ڪيڙن انهن جي گوشت جو ڇا انجام ڪري ڇڏيو؟ انهن جي هڏين ۽ سَنڌن سان ڇا ٿيو؟ الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪي بي عمل دنيا ۾ آرامده نرم نرم بسترن تي هوندا هئا پر هاڻي اهي پنهنجي گهروارن ۽ وطن کي ڇڏي ڪري راحت کان پوءِ تنگيءَ ۾ آهن، انهن جي اولاد گهٽين ۾ دربدر آهي، ڇوتہ انهن جي بيواهن ٻيا نڪاح ڪري ٻيهر گهر آباد ڪيا، انهن جي

مائٽن انهن جي گهرن تي قبضو ڪري ڇڏيو، ۽ ملڪيت پاڻ ۾ ورهائي ڇڏي. وَاللہ! انهن مان ڪجهه خوشنصيب آهن جيڪي قبرن ۾ مزا ماڻي رهيا آهن ۽ واللہ! ڪجهه قبر جي اندر عذاب ۾ گرفتار آهن.

افسوس صد هزار افسوس! اي نادان! اڄ مرڻ وقت ڪڏهن پنهنجي پيءُ جون، ڪڏهن پنهنجي پٽ جون ته ڪڏهن سڳي ڀاءُ جون اکيون بند ڪري رهيو آهين، انهن مان ڪنهن کي وهنجاري رهيو آهين، ڪنهن کي ڪفن پارائي رهيو آهين، ڪنهن جي جنازي کي ڪلهو ڏئي ڪٽي رهيو آهين، ڪنهن کي قبر جي تنگ ۽ اونداهي ڪُڏ ۾ دفن رهيو آهين (ياد رک! سڀاڻي هي سڀ ڪجهه توسان به ٿيڻ وارو آهي پوءِ وڏيڪ فرمايائون) ڪاش مون کي علم هجي ها! ڪهڙو گل (قبر ۾) پهريان خراب ٿيندو. پوءِ حضرت سيِّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ روئڻ لڳا ۽ روئيندي روئيندي بيهوش ٿي ويا ۽ هڪ هفتي کان پوءِ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. (حڪايتيں ۽ نصيحتيں،ص ۲۰٦)

آخِرت کی کرو جلد تیّاریاں عیش وعشرت کی اُڑ جائیں گی دھجّیاں
اے مرے بھائیو سب سُنو دھر کے کاں موت آکر رہے گی تمھیں بے گُماں
موت کا دیکھو اِعلان کرتا ہوا سُوئے گورِ غریباں جنازہ چلا
کہتا ہے، جامِ ہستی کو جس نے پیا وہ بھی میری طرح قَبر میں جائیگا
تم اے بوڑھو سُنو! نوجوانو سُنو اے ضَعیفو سُنو! پہلوانو سُنو!
موت کو ہر گھڑی سر پہ جانو سُنو جلد توبہ کرو میری مانو سُنو!
بھائیو! سب گناھوں سے منہ موڑ دو ناتا تم نیکیوں ہی سے بس جوڑ دو
ایک دن موت آکر رہے گی ضَرور اس کو تم مجرِمو! کچھ سمجھنا نہ دور
چھوڑو عادت گناہوں کی جاؤ سُدھر ورنہ پھنس جاؤ گے قبر میں سر بسر
گر عذابوں کو دیکھو گے جاؤ گے ڈر تم بتاؤ کہاں جاؤ گے بھاگ کر

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرتِ سَيِدُنا عُمَربن عبد العزيز رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جي اها رِقّت انگيز حِڪايت عقلمندن جي لاءِ زبردست عبرت جو سامان آهي پر افسوس! اسان جي اڪثريت اڄ دُنيا جي متوالي ۽ آخِرت جي فڪر کان خالي آهي، بدقسمتي سان اسان فاني دنيا جي لذّتن ۾ مصروف ۽ موت کان بي خوف ٿي سَهولتن ۽ آسائشن کي حاصل ڪرڻ ۾ ايتري قَدَر مگن ٿي ويا آهيون جو قبر جي اونداهين، وحشتن ۽ تنهائين کي وساري وينا آهيون. هاءِ! اڄ اسان جون تمام توانائيون صِرف ۽ صِرف دُنيوي زندگي ئي بهتر بنائڻ ۾ خرچ ٿي رهيون آهن، آخرت کي بهتر بنائڻ جو فڪر تمام گهٽ نظر اچي پيو. ٿورو غور ته ڪريو ته هن دُنيا ۾ ڪهڙا ڪهڙا مالدار ماڻهو گذريا آهن، جيڪي دولت ۽ حڪومت، منصب و عزّت، اَهل و عِيال جي عارِضي محبت، دوستن جي وقتي صحبت ۽ نوڪرن جي خوشامداڻي خدمت جي ڌوڪي ۾ قَبر جي تنهائي کي وساري وينا هئا، پر آه! اوچتو فَنا جو بادَل آيو، موت جي آنڌي هلي ۽ دنيا ۾ وڏي عرصي تائين رهڻ جون انهن جون اُمّيدون مٽي ۾ ملي رهجي ويون، انهن جا خوشين سان مرڪندڙ مهڪندڙ گهرن کي موت ويران ڪري ڇڏيو. روشنين سان جڳ مڳ ڪندڙ بنگلن مان ڪڍي انهن کي گُهپ انڌيري قبرن ۾ منتقل ڪيو ويو.

اَجَل نے نہ کِسریٰ ہی چھوڑا نہ دارا ہر اِک لیکے کیا کیا نہ حسرت سِدھارا
اِسی سے سکندر سا فاتح بھی ہارا پڑا رہ گیا سب یُونہی ٹھاٹھ سارا
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قبر جو مُعاملو نهايت تشويش ناڪ آهي ڪنهن کي خبر ناهي ته مون سان ڇا ٿيندو؟ تنهنڪري سمجهدار اهو ئي آهي جيڪو زندگي کي غنيمت سمجهندي دنيا ۾ رهي قبر ۽ آخرت جي تياري ۾ مشغول

ٿي وڃي ڇوتہ دنيا ئي آخِرت جي تياري جي لاءِ مخصوص آهي. جيئن تہ

## دنيا فاني ۽ آخِرت باقي آهي

حضرتِ سيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جن پنهنجو سڀ کان آخري خطبو جيڪو ارشاد فرمايو ان ۾ هي بہ آهي: اللّٰه تعاليٰ توهان کي دنيا صرف ان لاءِ عطا ڪئي آهي تہ توهان ان جي ذريعي آخرت جي تياري ڪيو ۽ ان لاءِ عطا ناهي فرمائي تہ توهان ان ”دنيا“ جا ئي ٻڌجي وڃو، بيشڪ دنيا فاني ۽ آخرت باقي آهي. توهان کي فاني (دنيا) ڪٿي ورگلائي ڪري (آخرت) کان غافل نہ ڪري ڇڏي، فنا ٿيڻ واري دنيا کي باقي رهڻ واري آخرت تي ترجيح نہ ڏيو ڇو تہ دنيا منقطع ٿيڻ واري آهي ۽ بيشڪ اللّٰه تعاليٰ ڏانهن واپس موٽڻو آهي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄو ڇو تہ ان جو خوف ان جي عذاب جي لاءِ (آڙ ۽) ڍال ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ تائين پهچڻ جو ذريعو آهي. (ذَمُّ الدُّنيا مع موسوعة ابن اَبِي الدُّنيا ج 5 ص 83 حديث 146)

ہے یہ دنیا بے وفا آخِر فنا　　نہ رہا اس میں گدا نہ بادشہ

غافلو! قبر میں جس گھڑی جاؤ گے سانپ بچھّو جو دیکھو گے چلاّؤ گے
سر پچھاڑو گے پر کچھ نہ کر پاؤ گے بے حد اپنے گناہوں پہ پچھتاؤ گے
قبر میں شکل تیری بگڑ جائیگی پیپ میں لاش تیری لِتھڑ جائیگی
بال جھڑ جائیں گے کھال اُدھڑ جائیگی کیڑے پڑ جائیں گے نَعش سڑ جائے گی

ياد رکو! هن دنيا جي حقيقت هڪ رستي وانگر آهي جنهن کي طئي ڪرڻ کان پوءِ ئي اسان منزل تائين پهچندا آهيون، هاڻي اها منزل جنت هوندي يا جهنم! ان جو دارو مدار ان ڳالهہ تي آهي تہ اسان اهو سفر ڪيئن طئي ڪيو! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي اطاعت ڪندي يا نافرماني ڪندي؟

افسوس آهي ان تي جيڪو دنيا جي فنا ٿيڻ ڏسڻ باوجود ان جي ڌوڪي ۾ مبتلا رهي ۽ موت کان بلڪل غافل ٿي وڃي.

واقعي جيڪو دنياوي زندگي جي ڌوڪي ۾ اچي پنهنجي موت ۽ قبر و حشر کي وساري ويهي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪرڻ لاءِ عمل نہ ڪري، نهايت ئي قابلِ مذمت آهي. ان ڌوڪي کان اسان کي خبردار ڪندي اسان جو **الله** عَزَّوَجَلَّ سيپاري 22 سورةُ **الفاطر** جي آيت نمبر 5 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۥ وَلَا يَغُرَّنَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ ﴿۵﴾

**ترجموڪنزالايمان:** اي انسانو! بيشڪ الله جو واعدو سچو آهي، پوءِ توهان کي هرگز ڌوڪو نہ ڏئي دنيا جي زندگي ۽ هرگز توهان کي الله جي حڪم تي ڌوڪو نہ ڏئي اهو وڏو ڌوڪيباز (يعني شيطان).

(پ 22، الفاطر: 5)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

يقيناً جيڪو موت ۽ ان کان بعد وارن معاملن جي سني نموني ڄاڻ رکي ٿو اهو دنيا جي رنگينين ۽ ان جي آسائشن جي ڌوڪي ۾ نٿو اچي سگهي. تنهنڪري اسان کي بہ دنيا جي فاني لذتن ۾ مگن رهڻ جي بدران هر وقت پنهنجي ايمان جي سلامتي ۽ قبر و آخرت جي بهتري جو فڪر ڪرڻ گهرجي يقيناً هڪ مسلمان جي لاءِ سڀ کان قيمتي سرمايو ان جو ايمان آهي، جيڪڏهن ايمان سلامت رهيو تہ نجات جي اميد ڪري سگهجي ٿي ۽ جيڪڏهن مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ گناهن جي ڪثرت ۽ نحوست جي سبب ايمان ئي برباد ٿي ويو تہ پوءِ نجات جي ڪا صورت ناهي، اهو شخص انتهائي بدبخت آهي جنهن جو خاتمو ڪفر تي ٿي، اهڙو بد نصيب هميشہ هميشہ قبر ۽ آخرت جي عذاب جو حقدار ٿئي ٿو ۽ ان تي لعنت ۽ ڦٽڪار وسندي رهي ٿي

جيئن تہ سيپاري 2سُورة الْبقرة جي آيت 161 ۾ الله عَزَّ وَجَلَّ جو مبارڪ ارشاد آهي:

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ مَاتُوْا وَ هُمْ كُفَّارٌ اُولٰٓىٕكَ عَلَيْهِمْ لَعْنَةُ اللّٰهِ وَ الْمَلٰٓىٕكَةِ وَ النَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ﴿۱۶۱﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ لَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿۱۶۲﴾ (پ۲، اَلْبَقَرَة:۱۶۲،۱۶۱)

تَرجمو ڪنز الايمان: بيشڪ اُهي جن ڪُفر ڪيو ۽ ڪافِر ئِي مُئا، اُنهن تي لعنت آهي الله ۽ ملائڪن ۽ مڙني ماڻُهن جِي. هميشہ رهندا اُن ۾ نہ اُنهن کان عذاب هلڪو ٿئي ۽ نہ کين مُهلت ڏنِي وڃي.

ياد رکو! گناهن جي ڪري بہ ايمان ڪسجي وڃڻ جو انديشو آهي جيئن شرح الصدور ۾ آهي، ڪجھ علماءِ ڪِرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام فرمائن ٿا: بُري خاتِمي جا چار سبب آهن. (1) نماز ۾ سُستي (2) شراب پيئڻ (3) ماءُ پيءُ جي نافرماني (4) مسلمانن کي تڪليف ڏيڻ. (شَرْحُ الصُّدُوْر،ص ۲۷)

جيڪي اسلامي ڀائر مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ جيڪا نماز نٿا پڙهن يا قضا ڪري پڙهندا آهن، فجر جي نماز لاءِ ناهن اٿندا يا بنا شرعي مجبوريءَ جي مسجد ۾ باجماعت پڙهڻ جي بدران گهر ۾ ئي نماز پڙهي ڇڏيندا آهن انهن جي لاءِ فڪر جو مقام آهي. ڪٿي نماز ۾ سُستي بُري خاتمي جو سبب نہ بڻجي وڃي. اهڙيءَ ريت شراب، ماءُ پيءُ جو نافرمان ۽ مسلمانن کي پنهنجي زبان يا هٿ وغيره سان تڪليف ڏيڻ وارو سچي توبهہ ڪري وٺي.

## توبہ جا ٽي رڪن آهن

حضرتِ صَدرُا لْافاضِل مولانا سيد محمد نعيم الدِّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: توبهہ جو بنياد الله عَزَّوَجَلَّ ڏانهن رجوع ڪرڻ آهي. ان جا ٽي رڪن آهن هڪ ڏوهہ جو اعتراف ٻيو شرمساري ٽيون هن گناهہ کي ترڪ

ڪري ڇڏڻ جو پڪو ارادو جيڪڏهن گناهه قابلِ تلافي هجي ته ان جي تلافي به لازم آهي مثال طور بي نمازي جي توبهه جي لاءِ پويُن نمازن جي قضا پڙهڻ به ضروري آهي. (خزائن العرفان، پ۱،البقرة:تحت الآيه۳۷ بتغير قليل) ۽ جيڪڏهن حقوق العباد (بندن جا حقوق )پائمال ڪيا آهن ته توبهه سان گڏوگڏ ان جي تلافي ضروري آهي مثال طور ماءُ پيءُ ياءُ ڀيڻ، گهرواري يا دوست وغيره جي دل آزاري ڪئي آهي ته ان کان هن طرح مُعافي گهرو جو هُو مُعاف ڪري ڇڏي. ان قسم جي معاملي ۾ صرف مسڪرائي ڪري **SORRY** چوڻ سراسر بي فائده آهي .

نفس یہ کیا ظلم ہے جب دیکھو تازہ جُرم ہے ناتُواں کے سر پر اتنا بوجھ بھاری واہ واہ
گناہوں کی نحوست بڑھ رہی ہے دم بدم مولیٰ میں توبہ پر نہیں رہ پارہا ثابِت قدم مولیٰ
کمر توڑی ہے عصیاں نے، دبایا نفس و شیطاں نے نہ کرنا حشر میں رُسوا، مِرا رکھنا بھرم مولیٰ
گناہوں نے مجھے ہائے! کہیں کا بھی نہیں چھوڑا کرم ہو از طفیلِ سیّدِ عَرب و عجم مولیٰ!
اندھیری قبر کا احساس ہے پھر بھی نہیں جاتیں گناہوں کی خدایا عادتیں، فرما کرم مولیٰ
گنہ کرتے ہوئے گر مر گیا تو کیاکروں گا میں بنے گا ہائے میرا کیا کرم فرما کرم مولیٰ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ٽن عيبن جي نحوست جي حڪايت

”مِنهاجُ العابِدين“ ۾ آهي، حضرتِ سيّدُنا فضيل بن عياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه پنهنجي هڪ شاگرد وٽ سڪرات جي وقت تشريف فرما ٿيا ۽ ان وٽ ويهي سوره ءِ يٰس شريف پڙهڻ لڳا. ان شاگرد چيو:”سوره ءِ يٰس پڙهڻ بند ڪريو.“ پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه ان کي ڪلمي شريف جي تلقين فرمائي. هُو چوڻ لڳو: مان هرگز هي ڪلمو نه پڙهندس مان ان کان بيزار آهيان. پوءِ انهن لفظن تي ان جو موت واقع ٿي ويو. حضرتِ سيّدُنا فضيل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه کي پنهنجي شاگرد جي بُري خاتمي جو سخت صدمو رسيو. چاليهن ڏينهن تائين پنهنجي گهر ۾ ويهي

روئندا رهيا. چاليهن ڏينهن کان پوءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه خواب ۾ ڏٺائون تہ فرشتا ان شاگرد کي جهنّم ۾ گهلي رهيا آهن. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه ان کي استفسار فرمايو: ڪهڙي سبب کان الله عَزَّ وَجَلَّ تنهنجي معرفت کسي؟ منهنجي شاگردن ۾ تنهنجو مرتبو تہ تمام اوچو هو! ان وراڻيو: ٽن عيبن جي سبب کان: (1) چُغلي جو مان پنهنجي ساٿين کي ڪجهہ ٻُڌائيندو هئس ۽ اوهان رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه کي ڪجهہ ٻيو ۽ (2) حسد (يعني ساڙ) جو مان پنهنجي ساٿين سان حسد ڪندو هئس. (3) شراب پيئڻ جو هڪ بيماريءَ کان شفا حاصل ڪرڻ جي خاطر طبيب جي مشوري تي هر سال شراب جو هڪ گلاس پيئندو هئس. (مِنهاجُ العابِدين،ص۱۵۱)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خوفِ خُدا کان ڏڪي وڃو! ۽ گهبرائي ڪري پنهنجي معبودِ برحق کي راضي ڪرڻ جي لاءِ سندس بارگاهِ بيڪس پناهہ ۾ جُهڪي وڃو. افسوس! چُغلي، حسد ۽ شراب پيئڻ جي سبب وليءِ ڪامل جو شاگرد ڪفريه ڪلمات چئي ڪري مري ويو. صَدۡرُالشَّرِيۡعه، بَدۡرُالطَّرِيۡقه حضرتِ علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی فرمائن ٿا: مرڻ وقت مَعاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي زبان مان ڪفر جو ڪلمو نڪتو تہ ڪفر جو حڪم نہ ڏينداسين ڇو جو ممڪن آهي موت جي سختيءَ ۾ عقل خطا ٿيو هجيس ۽ بيهوشيءَ ۾ هي ڪلمو نڪري ويس. (بهار شريعت،۱/ ۸۰۹)

هاڻوڪي دؤر ۾ جيڪڏهن اسان پنهنجي معاشري تي نظر وجهون تہ هن ڳالھ جو اندازو ٿيندو تہ ماڻهن جي اڪثريت گناهن جي سيلاب ۾ ٻڏي رهي آهي. هاءِ! گناهن جو سلسلو رُڪجڻ جو نالو نٿو وٺي، نافرماني جي مصيبت جان نٿي ڇڏي، افسوس! گناهن جي عادت ڪجهہ اهڙو ضدي بڻائي ڇڏيو آهي جو گُناهہ ڪرڻ سان دل بلڪل نٿي ڊڄي، يقيناً اسان جا نازُڪ جسم قبر ۽ آخرت جي عذاب جي برداشت نٿا رکن. جيڪڏهن اهڙي طرح غفلت ۽ گُناهن

پري زندگي گذاريندا رهياسين ۽ اهڙي بُري حالت ۾ موت جو پيغام اچي پهتو تہ وڏي ذلت و رسوائي ۽ دردناڪ عذاب کي منهن ڏيڻو پوندو. جهٽ پٽ پنهنجي گناهن کان سچي توبہ ڪريو ۽ روئي روئي خالقِ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ کان معافي گهري وٺو. مؤمنن تي رحم ۽ ڪرم فرمائڻ واري نبي ڪريم،رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سنّتن کي اپنائي انهن جي دامنِ ڪرم سان وابستہ ٿي وڃو نہ تہ ذلت ۽ خواري اسان جو مقدربڻجي سگهي ٿي .

مت گناہوں پہ ہو بھائی بے باک تُو بھول مت یہ حقیقت کہ ہے خاک تُو
تھام لے دامنِ شاہِ لولاک تُو سچّی توبہ سے ہو جائے گا پاک تُو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪٿي آهن اهي خوبصورت چهرا

حضرتِ سيِّدُنا ابوبڪرصديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ خطبي جي دوران فرمائيندا هئا: ڪٿي آهن اهي خوبصورت چهري وارا؟ ڪٿي آهن پنهنجي جوانيءَ تي ناز ڪرڻ وارا؟ ڪيڏانهن ويا اهي بادشاھ جن عاليشان شهر تعمير ڪرايا ۽ انهن کي مضبوط قلعن سان محفوظ ڪيو؟ ڪيڏانهن هليا ويا ميدانِ جنگ ۾ غالب اچڻ وارا؟ بيشڪ زماني انهن کي ذليل ڪيو ۽ هاڻي اهي قبر جي اونداهين ۾ پيا آهن. جلدي ڪيو! نيڪين ۾ اڳتي وڌو ۽ نجات طلب ڪيو.

(شعب الايمان،باب في الزهد وقصر الأمل،٣٦٤/٧، حديث:١٠٥٩٥ملتقطاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اميرُالمُؤمِنين حضرت سيِّدُنا صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ اسان کي دنيا جي ناپائيداري، ان جي بيوفائين ۽ قبر جي اونداهين جو احساس ڏياريندي غفلت ڀري ننڊ مان سجاڳ ڪندي، قبر ۽ حشر جي تياري جو ذهن ڏئي رهيا آهن. واقعي عقلمند اهو ئي آهي جيڪو موت کان پهريان موت جي تياري ڪندي نيڪين جو ذخيرو گڏ ڪري ۽ سنتن جو مدني ڏيئو

قبر ۾ گڏ ڪٽي وڃي ۽ ائين قبر جي روشني جو انتظام ڪري، نہ تہ قبر هرگز اهو لحاظ نہ ڪندي تہ منهنجي اندر ڪير آيو آهي! امير هجي يا فقير، وزير هجي يا ان جو مُشِير، حاڪم هجي يا محڪوم، آفيسر هجي يا پٽيوالو، سيٺ هجي يا ملازم، ڊاڪٽر هجي يا مريض، ٺيڪيدار هجي يا مزدور جيڪڏهن ڪنهن بہ آخرت جي تياري ۾ گهٽتائي ڪئي، نمازون گهڻي قدر قضا ڪيون، رمضان شريف جا روزا بنا عذرِ شرعي نہ رکيا، فرض هوندي بہ زڪوٰة نہ ڏني، حج فرض هيو پر ادا نہ ڪيو، طاقت هئڻ باوجود بہ شرعي پردو نہ ڪرايو، ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪئي، ڪوڙ، غيبت، چغلي جي عادت رهي، فلمون ڊراما ڏسندا رهيا، گانا باجا ٻڌندا رهيا، ڏاڙهي ڪوڙائيندا يا هڪ مُٺ کان گهٽائيندا رهيا. مطلب تہ تمام گهڻا گناه ڪندا رهيا تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ناراضگي جي صورت ۾ حسرت ۽ ندامت کان سواءِ ڪجهہ بہ هٿ نہ ايندو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن پُر فتن دور ۾ قبر ۽ آخرت جي فڪر ڪندي گناهن کان بچڻ، نيڪيون ڪرڻ ۽ فرائض و واجبات جي ادائيگي سان گڏوگڏ سُنّتن پري زندگي گذارڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول يقيناً اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي تمام وڏي نعمت آهي، هن مدني ماحول سان وابستگي قبر وحشر جي تياري جو هڪ بهترين ذريعو آهي تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي مرڻ کان پهريان موت ۽ قبر و حشر جي تياري ۾ مصروف ٿي وڃون، موت ۽ قبر و حشر جي معاملات جي باري ۾ مزيد معلومات جي لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 586 صفحن تي مشتمل ڪتاب"شرح الصدور . جو مطالعو گهڻو فائديمند آهي .

## ڪتاب"شرح الصدور" جو تعارف

اهو ڪتاب در اصل مشهور محدث ۽ شافعي بزرگ حضرت سَيدُنا امام جلالُ الدّين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه جي عربي تصنيف "شَرحُ الصُّدُور بِشَرحِ حَالِ الْمَوْتٰی

وَالْقُبُوْر“ جو اُردو ترجمو آهي. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ موت، برزخ، قبر و حشر ۽ مُردن جي احوال بابت اهم ترين معلومات جو انمول خزانو موجود آهي تنهنڪري اچ ئي هن ڪتاب کي مڪتبة المدينہ جي بستي تان هديو ڏئي طلب فرمايو، پاڻ بہ هن جو مطالعو ڪريو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! هي دُنيا ڪجهہ ڏينهن جي آهي، ان جي راحت ۽ مُصيبت سڀ فنا ٿيڻ واري آهي، هتي جي دوستي ۽ دشمني سڀ ختم ٿيڻ واري آهي، دُنيا مان هليو وڃڻ کان پوءِ وڏي کان وڏو رفيق ۽ شفيق پڻ اسان جي ڪم نہ ايندو، مرڻ کان پوءِ جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي فضل و رحمت ۽ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت جي صدقي ۾ اسان جي بخشش فرمائي ڇڏي تہ اسان جو ٻيڙو پار، نہ تہ قبر ۽ حشر جو معاملو انتهائي سخت آهي تنهنڪري اسان کي هر گز هرگز گناهن جي طرف رغبت ۽ نيڪ اعمال کان غفلت نہ ڪرڻ گهرجي جوتہ مرڻ کان پوءِ نيڪ اعمال ئي اسان جي نجات جو ذريعو بڻجندا. الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو.

اَلْهٰكُمُ التَّكَاثُرُ ۙ﴿۱﴾ حَتّٰى زُرْتُمُ الْمَقَابِرَ ؕ﴿۲﴾
(پ ٣٠، التكاثر:١،٢)

**ترجَمو ڪنز الايمان:** توهان کي غافل ڪيو زياده مال طلبي ايتري تائين جو توهان قبرن جو منهن ڏٺو.

حضرتِ صدرالْاَفاضِل مولانا سيد محمد نعيمُ الدِّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه خَزائنُ العرفان ۾ هن آيتِ مبارڪ جي تحت فرمائن ٿا: يعني موت جي وقت تائين حرص توهان جي دل ۾ رهي. حديث شريف ۾ آهي سيدِ عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ

وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مردي سان گڏ ٽئي (3) هوندا آهن، ٻه (2) موٽي ايندا آهن، هڪ ان سان گڏ رهجي ويندو آهي. هڪ مال، هڪ ان جا مائٽ عزيز، هڪ ان جو عمل، عمل گڏ رهجي ويندو آهي، باقي ٻئي واپس موٽي ويندا آهن.
( خزائن العرفان ،پ،٣٠،التكاثر،تحت الآيه،٢،١،بتغير قليل)

## قبر جا سوال

تنهنڪري اسان جي نجات انهيءَ صورت ۾ آهي ته اسان دنيا ۾ رهندي قبر و حشر جي تياري ۾ مشغول ٿي وڃون، ياد رکو! جنهن خوش نصيب پنهنجي زندگي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي احڪامن جي بجا آوري ۾ گذاري هوندي جڏهن منڪر نڪير قبر ۾ ان کان سُوال ڪندا مَنْ رَّبُّكَ؟ يعني تنهنجو ربّ ڪير آهي؟ ته ان کي جواب ۾ ثابت قدمي نصيب ٿيندي . هو چوندو، رَبِّيَ اللّٰه منهنجو ربّ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ آهي. سُوال ٿيندو مَادِيْنُكَ؟ تنهنجو دين ڪهڙو آهي ؟ هو چوندو، دِيْنِيَ الْاِسْلَامُ منهنجو دين اسلام آهي. پوءِ حسنِ اخلاق جي پيڪر، مَحبوبِ رَبِّ اَڪبر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو روشن چهرو ڏيکاري پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي باري ۾ پڇيو ويندو. مَا كُنْتَ تَقُوْلُ فِيْ هٰذَا الرَّجُلِ؟ هن هستي جي باري ۾ تون ڇا چوندو هئين؟ پاڻ سڳورن جو روشن چهرو ڏسي دل خوشي سان جهومي ويندي بي ساخته پڪاريندي هوَ رَسُوْلُ اللّٰه! هي ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا رسول آهن، هي ئي ته منهنجا آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهن، جنهن جي مبارڪ ذڪر تي مان جهومندو هئس ۽ جو نه سندن ذڪر منهنجي دل جو سُرور ۽ منهنجي اکين جو نُور هيو. اسم گرامي ٻڌي عقيدت منجهان آڱوٺا چُمندو هئس، هي ته منهنجا اهي منا منا آقا محمد رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهن جو جن جي ياد منهنجي حياتي جو سرمايو هئي، اهي ته منهنجا پيارا پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهن جو

تمہاری یاد کو کیسے نہ زندگی سمجھوں یہی تو ایک سہارا ہے زندگی کیلئے
مرے تو آپ ہی سب کچھ ہیں رحمتِ عالم میں جی رہا ہوں زمانے میں آپ ہی کیلئے

www.dawateislami.net

پوءِ جڏهن سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجو مبارڪ جلوو ڏيکاري وڃڻ لڳن تہ عين ممڪن آهي تہ اهو عاشقِ صادق سندن قدمن سان ائين چنبڙي وڃي ۽ عرض ڪري.

دل بھی پیاسا نظر بھی ہے پیاسی کیا ہے ایسی بھی جانے کی جلدی
ٹھہرو، ٹھہرو! ذرا جانِ عالم! ہم نے جی بھر کے دیکھا نہیں ہے

يقيناً اهڙي ۾ هڪ عاشقِ رسول جي اها ئي تمنا ۽ خواهش هوندي تہ اي ڪاش! قيامت تائين منهنجي قبر منهنجي مني مني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حسين جلون سان منوّر رهي.

خير آخري سوال جو جواب ڏيڻ کان پوءِ جهنم جي دري کُلندي ۽ هڪدم بند ٿي ويندي پوءِ جنّت جي دري کُلندي ۽ چيو ويندو: جيڪڏهن تون صحيح جواب نہ ڏين ها تہ تنهنجي لاءِ اها دوزخ جي دري هئي. هي ٻڌي ڪري ان کي وڏ مان وڏ خوشي محسوس ٿيندي، پوءِ هاڻي (تو لاءِ) جنّتي ڪفن هوندو، قبر نظر جي حد تائين ڪشادي ڪئي ويندي ۽ مزا ئي مزا هوندا.

قبر میں گر نہ محمد کے نظارے ہوں گے حشر تک کیسے میں پھر تنہا رہوں گا یاربّ!
قبر محبوب کے جلووں سے بسادے مالک یہ کرم کر دے تو میں شاد رہوں گا یا ربّ!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اهي انعام واڪرام تہ ان خوش نصيب جي لاءِ هوندا، جنهن موت ۽ قبر جي تياري کي هر وقت پيشِ نظر رکندي پنهنجي زندگي قرآن ۽ سنت جي مطابق گذاري هوندي. جنهن پنهنجي جواني کي گناهن جي سيلاب ۾ برباد ڪرڻ جي بدران يادِ اِلٰهي ۽ يادِ مصطفيٰ ۾ گذاريو هوندو، جنهن پنهنجي زندگي جي ڏينهن کي انمول موتي سمجهندي انهن جو قدر ۽

www.dawateislami.net

احترام ڪيو هوندو، جنهن جا قدم گناهن جي بدران هميشه نيڪي جي ڪمن ڏانهن اٿيا هوندا، جنهن جا هٿ ڪنهن کي تڪليف ڏيڻ جي لاءِ نه بلڪ ڪنهن بي سهارا جي مدد جي لاءِ اڳتي وڌيا هوندا، اي ڪاش! اسان کي موت ۽ انڌيري قبر جي تياري جو زندگي ۾ ئي اِحساس نصيب ٿي وڃي، پر هاءِ! گناهن جي نحوست جي سبب نيڪي جي دعوت اسان جي دِل تي اثر ناهي ڪندي، اسان کي اها به خبر آهي ته ملڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام جي اسان وٽ به تشريف آوري ٿيڻي آهي، اسان کي اها به خبر آهي ته جهڙي طرح اڄ ڪنهن جي موت جو اعلان ٿي رهيو آهي، عنقريب منهنجو اعلان به ٿيڻ وارو آهي، جيڪڏهن اڄ مون کي صاحب چيو پيو وڃي ته سڀاڻي مون کي به "مرحوم" چئي ڪري ياد ڪيو ويندو ۽ اهو به رسمي طور تي ڪجھ ڏينهن ياد رکيو ويندو، جي ها! هڪ وقت اهڙو به ايندو آهي جو ميت جي مٽ مائٽن کي قبرستان ۾ پنهنجن عزيزن جي قبر ئي وسري ويندي آهي، هو نشاني ڳولهيندو آهي، ڪڏهن ڪنهن کان پڇندو آهي ڪڏهن ڪنهن کان ته فُلاڻي جي هتي قبر هئي، اها نظر نه پئي اچي، جڏهن ته قبر انهيءَ قبرستان ۾ موجود هوندي آهي. اي ڪاش! هر ڏينهن مسجدن مان موت جا اعلان ٻڌي اسان عِبرت جا مدني گل حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح اسان مسجدن مان موت جا اعلان ٻڌون ٿا، اهڙي طرح ملڪ الموت (عَلَيۡهِ السَّلَام) به اعلان ڪندا آهن: جيئن

حضرتِ سيدُنا عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا کان روايت آهي ته سرڪارِ والا تَبار، اسان بيڪسن جي مددگار، شفيع روزِ شُمار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ومختار، باذنِ پروَردگار عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ”ڪوئي ڏينهن اهڙو ناهي جو جنهن ۾ ملڪ الموت (عَلَيۡهِ السَّلَام) قبرستان ۾ هي اعلان نه ڪندو هجي: ”اي قبر وارو! اڄ توهان کي ڪن ماڻهن تي

رشڪ آهي؟“ تہ هو جواب ڏيندي چوندا آهن: ”اسان کي مسجد وارن تي رشڪ آهي تہ هو مسجدن ۾ نماز پڙهندا آهن ۽ اسان نماز نٿا پڙهي سگهون. هو روزا رکن ٿا ۽ اسان نٿا رکي سگهون. هو صدقو ڪن ٿا ۽ اسان نٿا ڪري سگهون. هو الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪن ٿا ۽ اسان نٿا ڪري سگهون.“ پوءِ قبر وارا پنهنجي گذريل وقت تي نادِم (يعني شرمسار) ٿيندا آهن.“ (حڪايتين ۽ نصيحتين، ص 62)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄا اسان جو شُمار زِندن ۾ آهي، اسان اڄا بہ گناهن کان پڪي سچّي توبہ ڪري الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪري سگهون ٿا .

جيڪڏهن اسان جي بُري عملن جي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿي ويو ۽ ان جا پيارا محبوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ رسي ويا ۽ گناهن جي سبب مَعَاذَ الله عَزَّ وَجَلَّ ايمان برباد ٿي ويو تہ اسان جو ڇا ٿيندو؟ مُنڪر نڪير جي سوالن جا جواب ڪيئن ڏئي سگهنداسين؟

ياد رکو! ذڪر ڪيل ٽي (3) سوال ان بد نصيب شخص کان پڻ ڪيا ويندا جنهن پنهنجي زندگي الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ۾ گذاري هوندي. وڏي سخت لهجي ۾ سوال ٿي رهيا آهن: مَن رَّبُّكَ ”تنهنجو ربّ ڪير آهي؟“ آهہ! ربّ عَزَّوَجَلَّ کي ڪڏهن ياد ڪيو هو! جواب نہ پيو اچي، چو تہ ايمان برباد ڪري وينو، ان جي زبان مان نڪري رهيو آهي: هَيهَاتَ هَيهَاتَ لَاأَدرِى ”افسوس! افسوس! مون کي ڪجھ ناهي معلوم“ پوءِ پڇيو ويندو: مَادِينُكَ ”تنهنجو دين ڪهڙو آهي“ قبر ۾ مڙدو سوچي رهيو آهي تہ مون تہ اڄ تائين دنيا ئي آباد ڪئي هئي، قبر جي امتحان جي تياري ڏانهن ڪڏهن ذهن ئي نہ ويو هو، بس! صرف دنيا جي رنگينين ۾ ئي گم هئس، مون کي قبر جي امتحان جي ڪهڙي خبر هئي! ڪجھ سمجھ ۾ نہ ٿو اچي ۽ زبان مان نڪري رهيو هوندو: هَيهَاتَ هَيهَاتَ

www.dawateislami.net

لَاَدرِی ”افسوس! افسوس! مون کي ڪجهه ناهي معلوم“ پوءِ هڪ حسين ۽ جميل نوراني جلوو ڏيکاريو ويندو، ۽ سوال ٿيندو: مَاکُنتَ تَقُولُ فِي هٰذَا الرَّجُل يعني ان جي باري ۾ تون ڇا چوندو هئين؟ سجاٽپ ڪيئن ٿيندي! ڏاڙهيءَ وٽندي ئي نه هئي، غير مسلمن جي طريقي سان پيار هيو، ڏاڙهي ڪوڙائڻ جو معمول رهيو، هي ته ڏاڙهي مبارڪ واري شخصيت آهي، بار زلف رکندا هئا ته انهن کي ماري ڪٽائڻ تي مجبور ڪيو هو، هي تشريف فرما ٿيندڙ بزرگ ته متي تي عمامو شريف سجائيندي خمدار مُعَنبري زلفن سان آهن، مون کي ته فنڪارن ۽ ڳائڻن جي سجاٽپ هئي، خبر ناهي ته اهي ڪهڙي شخصيت آهن؟ آهه! جنهن جو خاتمو ايمان تي نه ٿيو هوندو ان جي وات مان نڪرندو: هَيهَاتَ هَيهَاتَ لَاَدرِی ”افسوس! افسوس! مون کي ڪجهه ناهي معلوم“ ايتري ۾ جنّت جي دري کلندي ۽ يڪدم بند ٿي ويندي پوءِ جهنم جي دري کُلندي ۽ چيو ويندو جيڪڏهن تون صحيح جواب ڏين ها ته تنهنجي لاءِ اها جنّت جي دري هئي. هي ٻڌي ان کي تمام گهڻي حسرت ٿيندي، پوءِ ڪفن کي باهه جي ڪفن سان تبديل ڪيو ويندو، باهه جو بسترو قبر ۾ وڇايو ويندو، نانگ ۽ وڇون چنبڙي ويندا.

تُوبُوا اِلَی الله اَستَغْفِرُ الله

ڏنگ مڇر کا سَها جاتا نہیں کیسے میں پھر قبر میں بچھّو کے ڈنک آہ سَہوں گا یاربّ!
گُھپ اندھیرے کا بھی وَحشت کا بسیرا ہوگا قبر میں کیسے اکیلا میں رہوں گا یاربّ!
قبر محبوب کے جلووں سے بسا دے مالک یہ کرم کر دے تو میں شاد رہوں گا یاربّ!

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي قبر و حشر جو معاملو تمام گهڻو سنگين آهي، ان امتحان ۾ اهو ئي ڪامياب ٿيندو، جنهن دنيا ۾ ان جي تياري ڪئي هوندي

. غور ڪريو تہ جڏهن اسان جي اسڪول يا ڪاليج جو امتحان ويجهو هوندو آهي تہ اسان ان جي تيارين ۾ تمام گهڻو مشغول ٿي ويندا آهن. اسان جي ذهنن تي رات ڏينهن اها ئي ڌُن هوندي آهي تہ امتحان مٿان آهي، امتحان جي لاءِ محنت بہ ڪندا آهن، دعائون بہ گهرندا آهن ورد وظيفا بہ پڙهندا آهيون تقريباً هر هڪ جي اها ئي خواهش هوندي آهي تہ ڪهڙي بہ نموني دنيا جي امتحان ۾ سٺن نمبرن ۾ پاس ٿي وڃون. اي دنيا جي امتحان جي مشغوليت ۾ گم ٿي وڃڻ وارؤ! ياد رکو! هڪ امتحان اهو بہ تمام جلد اچڻ وارو آهي جيڪو قبر ۾ ٿيڻ وارو آهي، اي ڪاش! قبر جي امتحان جي تياري اسان کي نصيب ٿي وڃي. اڄ جيڪڏهن اِمڪاني سُوال (Importants) ملي وڃن تہ شاگرد ان تي سڄي رات محنت ڪندا آهن، جيڪڏهن ننڊ ڦٽائڻ واريون گوريون بہ کائڻيون پون تہ اهي بہ کائيندا آهن. حيرت آهي جو توهان امڪاني سوالن تي تمام گهڻي محنت ڪندا آهيو، ڪاش! اسان کي هن ڳالھ جو احساس ٿي وڃي تہ قبر جا سوال امڪاني نہ بلڪ يقيني آهن جيڪي اسان کي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **اڳوات** (Advance) ئي ٻڌائي ڇڏيا آهن پر افسوس ! قبر جي سُوالن ۽ جوابن ڏانهن اسان جو بلڪل ڌيان ئي ناهي.! اڄ اسان دنيا ۾ اچي دنيا جي رنگينين ۾ ڪجھ هن طرح گم ٿي ويا آهيون جو اسان کي هن ڳالھ جو بلڪل احساس ئي ناهي رهيو جو اسان کي ڪو مرڻو بہ آهي خدارا هوش ڪريو ۽ قبر جي امتحان جي تياري ۾ مشغول ٿي وڃو.

دِلا غافِل نہ ہو یک دم یہ دنیا چھوڑجانا ہے بَغیچے چھوڑ کر خالی زمیں اندر سمانا ہے
تِرا نازُک بدن بھائی جو لیٹے سَیج پھولوں پر یہ ہوگا ایک دن بے جاں اِسے کیڑوں نے کھانا ہے
تُو اپنی موت کو مت بھول کر سامان چلنے کا زمیں کی خاک پر سونا ہے اِینٹوں کا سِرہانا ہے
جہاں کے شَغل میں شاغِل خدا کی یادسے غافِل کرے دعویٰ کہ یہ دنیا مِرا دائم ٹھکانہ ہے
نہ بَیلی ہو سکے بھائی نہ بیٹا باپ تے مائی تُو کیوں پھرتا ہے سَودائی عمل نے کام آنا ہے

کہاں ہے زورِ نمرودی ! کہاں ہے تختِ فِرعونی ! گئے سب چھوڑ یہ فانی اگر نادان دانا ہے
عزیزا یاد کر جس دن کہ عِزرائیل آئیں گے نہ جاوے کوئی تیرے سَنگ اکیلا تُونے جانا ہے
غلامؔ اِک دم نہ کر غفلت حَیاتی پر نہ ہو غُرّہ خدا کی یاد کر ہر دم کہ جس نے کام آنا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اها سيني کي خبر آهي تہ دنيا جي امتِحان ۾ نقل ڪرڻ جُرم آهي پر قبر و آخِرت جا امتحان بہ ڇا خوب آهن جو ان ۾ نقل ڪرڻ ضَروري آهي. ۽ الله عَزَّوَجَلَّ اسان پاڪيزه نمونو عطا فرمايو آهي تہ جيڪو مسلمان ان نموني جو جيترو بہ سنو نقل ڪندو اوترو ئي اهو ڪاميابي جي اعليٰ مرتبي تي فائز ٿيندو هليو ويندو . جيئن الله تعاليٰ ان مقدَّس نموني کي بيان ڪندي ارشاد فرمائي ٿو:

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ توهان جي لاءِ رسول الله جي پيروي بهتر آهي

صدر الافاضِل حضرت مولانا سيد محمد نعيم الدِّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه خَزائنُ العرفان ۾ هن آيتِ مبارڪ جي تحت فرمائن ٿا: انهن جو چڱي طرح اِتّباع (يعني پيروي) ڪريو ۽ دينِ الٰهي جي مدد ڪريو ۽ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ساٿ نہ ڇڏيو ۽ مصيبتن تي صبر ڪريو ۽ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سنّتن تي هلو اهو بهتر آهي .

هن آيت جي تحت تفسير "صِرَاطُ الْجِنَان "جلد7،ص 586 تي آهي: معلوم ٿيو تہ حقيقي طور تي ڪامياب زِندگي اها ئي آهي جيڪا تاجدارِ رِسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نقشِ قدم تي هجي، جيڪڏهن اسان جو جيئڻ مرڻ، سمهڻ،

حضور پُر نور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نقشِ قدم تي ٿي وڃي تہ اسان جا سيئي ڪم عبادت بڻجي ويندا.

دُعا آهي تہ الله تعاليٰ اسان کي پنهنجي حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪامل طريقي سان پيروي ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.اٰمين

شہا! ایسا جذبہ پاؤں کہ میں خوب سیکھ جاؤں تری سنّتیں سکھانا مَدَنی مدینے والے
تِری سنّتوں پہ چل کر مری روح جب نکل کر چلے تُو گلے لگانا مَدَنی مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مبارڪ لڙڪن سان مٽي آلي ٿي وئي

اچو! هاڻي قبر جي معاملي ۾ اسان پنهنجي پياري آقا، مڪي مدني مُصْطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوفِ خدا جي باري ۾ ٻڌون ٿا. جيئن حضرت سيدُنا بَراء بن عازِب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْه فرمائن ٿا: اسان سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هڪ جنازي ۾ شريڪ هئاسين تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ قبر جي پرسان ويهي ايترا تہ رُنا جو قبر جي مٽي آلي ٿي وئي. پوءِ فرمايائون: ان جي لاءِ تياري ڪيو. (اِبن ماجه،كتاب الزهد ،باب الحزن والبكاء،٤/ ٤٦٦، حديث :٤١٩٥)

قبر میں مجھ کو تنہا لِٹا کر چلدیئے ہائے سارے بَرادَر
دل اندھیرے میں گھبرا رہا ہے یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے
مَغفِرت کا ہوں تجھ سے سُوالی پھیرنا اپنے در سے نہ خالی
مجھ گنہگار کی اِلتجا ہے یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے
(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص136)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صَحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ۽ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين تقوي ۽ پرهيزگاري جي اعليٰ درجي تي فائز هئڻ جي باوجود قبرو آخِرت جي مُعامَلي

www.dawateislami.net

۾ ڏکندا ڪنبدا رهندا هئا ۽ عذابِ قبر جي خوف وچان انهن جون اکيون اشڪبار ٿي ويندون هيون

## آخِرت جي پهرين منزل

اميرالمؤمِنِين حضرتِ سيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جڏهن ڪنهن جي قبر تي تشريف فرما ٿيندا هئا ته ايتري قدر روئندا هئا جو پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جن جي ڏاڙهي مبارڪ آلي ٿي ويندي هئي. عرض ڪيو ويو: جنت ۽ دوزخ جو تذڪرو ڪرڻ وقت توهان روئندا ناهيو پر قبر تي گهڻو روئندا آهيو ان جو ڪهڙو سبب آهي؟ فرمايائون: مان نبي ڪريم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن کان ٻڌو آهي: آخرت جي سڀ کان پهرين منزل قبر آهي، جيڪڏهن قبر واري ان کان نجات حاصل ڪئي ته بعد وارو معاملو ان تي آسان آهي ۽ جيڪڏهن ان نجات حاصل نه ڪئي ته بعد وارو معاملو ڏاڍو سخت آهي.

(ابنِ ماجه،ڪتاب الزهد،باب ذڪر القبر والبلي، ۴/۵۰۰، حديث:۴۲۶۷ )

## خوفِ عثماني

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته حضرت سَيدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ ڪي قبر و آخرت بابت ڪهڙو فڪر هو جڏهن ته پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کي دُنيا ئي ۾ قَطعي جنّتي هئڻ جي بِشارت ملي چڪي هئي ۽ پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کان معصوم ملائڪ به حيا ڪندا هئا. ان جي باوجود به قبر جو خوف، وحشتن، اڪيلائپ ۽ انڌيري جي باري ۾ بي انتها خوفزده رهندا هئا ۽ هڪ اسان جي حالت آهي جو اسان کي پنهنجي نڪاڻي جي خبر ناهي ان جي باوجود باوُجود گناهن جي دَلدَل ۾ پنهنجي پاڻ کي ڦاسائيندا پيا وڃون ۽ قَبر جي درد ناڪ پڪار کان بلڪل غافِل آهيون، ياد رکو! قبر اسان مان هر هڪ کي روزانو پڪاريندي آهي ۽ پنهنجي هولناڪي کان خبردار ڪندي آهي، جيئن

## قَبر جي پُڪار

حضرتِ سيدُنا ڪعب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه ارشاد فرمائن ٿا :قَبر روزانو پنج ڀيرا اھا نِدا ڪندي آھي، (1) اي انسان! تون منھنجي پُشت تي ھلين ٿو جڏھن تہ منھنجو پيٽ تنھنجو ٺڪاڻو آھي. (2) اي انسان! تون مون تي عمده عمده کاڌا کائين ٿو، جلد ئي منھنجي پيٽ ۾ تو کي جيت کائيندا. (3) اي انسان! تون منھنجي پشت تي کلين ٿو، جلد ئي منھنجي اندر اچي روئيندين. (4) اي انسان! تون منھنجي پشت تي خوشيون ملھائين ٿو، عنقريب مون ۾ غمگين ٿيندين. (5) اي انسان! تون منھنجي پٺ تي گُناھ ڪرين ٿو، عنقريب منھنجي پيٽ ۾ عذاب ۾ مبُتَلا ٿيندين. (الروض الفائق،المجلس التاسع والاربعون في ذ كر الموت والتفكر فيه، ص٢٨٣)

سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب وسينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جڏھن ميت کي قَبر ۾ لاٿو ويندو آھي تہ قَبر ان سان خطاب ڪندي آھي: اي انسان تون برباد ٿيئن! تو ڇا جي ڪري مون کي وساري ڇڏيو؟ ڇا توکي ايتري بہ خبر نہ ھئي تہ مان فتنن جو گھر آھيان، اونداھي جو گھر آھيان، پوءِ تو ڪھڙي ڳالھ جي ڪري مون تي آڪڙجي ھلندو ھئين؟ ھا جيڪڏھن اھو مُردو نيڪ ھو تہ ھڪ غيبي آواز قَبر مان چوندي آھي: اي قَبر! جيڪڏھن ھي نيڪي جو حُڪم ڏيندو ھو ۽ برائي کان منع ڪندو ھو تہ پوءِ تنھنجو ڪھڙو سُلوڪ ھوندو؟ قَبر چوندي آھي : جيڪڏھن اھا ڳالھ ھجي تہ مان ان جي لاءِ گلزار بڻجي ويندي آھيان. پوءِ ان شخص جو بدن نور ۾ تبديل ٿي ويندو آھي ۽ ان جو روح ربُّ الْعٰلمِين عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ڏانھن پرواز ڪري ويندو آھي.

(مسند ابي يعلي، حديث ابي الحجاج الثمالي،٦/٦٤، حديث:٦٨٣٥)

روشن کر قبر بیکسوں کی اے شمعِ جمالِ مصطفائی
اندھیر ہے بے ترے مِرا گھر اے شمعِ جمالِ مصطفائی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! فڪرِ آخرت جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ تبليغِ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مشڪبار مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مدني ماحول ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت ،باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي تعليمات جي بَرَڪت سان سچن عقيدن جي پختگي، علم جي نور سان سيرابي ۽ نيڪ عمل جي بجا آوري جون سعادتون حاصل ٿينديون آهن. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ موت و قبر و حشر جي تياري ۽ نيڪ اعمال جي بجا آوري جي لاءِ دعوتِ اسلامي سان وابستہ ٿي وڃون ۽ دين جي ترقي وعروج جي لاءِ 12 مدني ڪمن ۾ بہ وڌ کان وڌ حصو وٺون.

اوهان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ "12 مدني ڪمن" جي باري ۾ ڪيئي ڀيرا ٻڌو هوندو، ٿي سگهي ٿو تہ ذهن ۾ سُوال پيدا ٿئي تہ اهي 12مدني ڪم ڇا آهن؟ 12مدني ڪمن ۾ شامل ٿيڻ جي ايتري ترغيب ڇو ڏياري ويندي آهي؟

حقيقت ۾ 12مدني ڪم الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ وَ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رِضا حاصل ڪرڻ وارا مدني ڪم آهن، 12 مدني ڪم جنّت جو حقدار بڻجڻ ۾ تمام گهڻا معاون ۽ مددگار آهن، "12 مدني ڪم" پنهنجي ذاتي ڪردار کي نکارڻ جا بهترين مدني نُسخا آهن، "12 مدني ڪم" باجماعت نماز جو پابند بنائڻ وارا آهن، "12 مدني ڪم" تِلاوتِ قرآن ڪرڻ/ٻڌڻ جي سعادتِ عظميٰ عطا ڪرڻ وارا آهن، "12 مدني ڪم" مسجدن جي گهٽ ٿيڻ واري رونق کي وڌائڻ جو ذريعو آهن، "12 مدني ڪم" تعليمِ قرآن جي دولت سان مالا مال ڪرڻ وارا آهن، "12 مدني ڪم" صرف دُنيوي ڪم ڪار ۾ مصروف ٿي زِندگي جي قِيمتي ڏينهن کي فضول گذارڻ وارن جي لاءِ بيداري جو پيغام ڏيڻ وارا آهن، "12 مدني ڪم" گناهن جي دلدل ۾ ڦاسي نيڪين کان پري ٿيڻ وارن جي لاءِ،

رحمتِ اِلٰهي ڏانهن متوجه ڪرڻ وارا آهن، "12 مدني ڪم" مسجدن جي آبادڪاري جو ذريعو آهن، "12 مدني ڪم"شريعت جي مطابق زِندگي گذارڻ جا بهترين معاون آهن، "12 مدني ڪم" نيڪي جي دعوت جي ذريعي ثواب جو لازوال خزانو گڏ ڪرڻ جو هڪ بهترين طريقو آهن، "12 مدني ڪم" تمام گهڻين پريشانين، غمن کي راحت ۽ آرام ۾ بدلڻ جو سبب آهن،"12 مدني ڪم" مسجد ڀريو تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي سڄي دُنيا ۾ تشهير ڪرڻ جو ذريعو آهن، "12 مدني ڪم"دُنيا ۽ آخرت جي ڀلائي ۽ ڪاميابي ماڻڻ جو هڪ رستو آهن، "12 مدني ڪم" انڌيري راهه ۾ چمڪندڙ ڏمڪندڙ چراغ جيان اسان جي منزل قبر جي تياري جي لاءِ رهنمائي ڪرڻ وارا آهن، "12مدني ڪم"جاهل کي علم جي دولت سان مالا مال ڪرڻ وارا آهن. هنن"12 مدني ڪمن" مان" 5 مدني ڪم" روزانه جا آهن،" 5 مدني ڪم" هفتيوار ۽ 2 مدني ڪم ماهوار آهن.

اُميد آهي ته شايد"12 مدني ڪمن" جون ايتريون گهڻيون فضيلتون ٻڌي هي ذهن ٺهيو هجي ته هاڻي مان به دعوت اسلامي جي ذِمه دارانِ سان گڏجي "12 مدني ڪمن" ۾ عملي طور تي شامل ٿيندس، جي اڇو! مرحبا صد مرحبا! گڏجي "12 مدني ڪمن" جي ذريعي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش جي مقدس جذبي کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هينئر کان تيار ٿي وڃو.

اڇو! هٿو هٿ پنهنجي هن عزمِ مُصمّم جو اِظهار ڪيون ٿا، اڇو! گڏجي نعرو لڳايون ٿا.

صبح ۽ شام★12 مدني ڪم * صبح ۽ شام★ 12 مدني ڪم صبح ۽ شام★12مدني ڪم

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي 12مدني ڪمن ۾ خوب اڳتي وڌي حصو وٺڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

www.dawateislami.net

## مدني انعامات

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم پنهنجي عملن جو مُحاسَبو ڪندي مَدني انعامات تي عمل ۽ مدني مهيني جي اِختتام تي مدني انعامات جو رِسالو جمع ڪرائڻ به آهي. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شَيخِ طَرِيقَت، اَمِيرِ اَهلِسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هن پُر فِتَن دور ۾ نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي طريقن تي مُشْتَمِل شَريعَت و طَرِيقَت جو جامِع مجموعو 72 مَدَني اِنعَامَات بَصُورَتِ سوالات (Questions) عَطا فرمايو آهي. پنهنجي اِصلَاح جي لاءِ پاڻ به هنن مَدَني اِنعَامَات تي عَمَل ڪريو ۽ انفرادي ڪوشش ڪرڻ واري مدني انعام تي عَمَل جي ذريعي هر مهيني مَدَني اِنعَامَات جا گهٽ مان گهٽ 26 رسالا ورهائي وُصُول ڪرڻ جي به ڪوشش ڪريو.اسان جو اَسلافِ ڪرام به نه صرف پاڻ فڪرِ آخرت ۾ پنهنجن عملن جو مُحاسَبو ڪندو هو بلڪ ماڻهن کي به هن جو ذِهن ڏيندا هئا جيئن اَمِيرُ الْمُؤمِنِين حضرتِ سَيدُنا عُمر فارُوقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه فرمائن ٿا: اي انسانو! پنهنجي عملن جو حساب ڪري وٺو، ان کان پهريان جو قيامت اچي وڃي ۽ توهان کان ان جو حساب ورتو وڃي. (حلية الاولياء ، ٥٦/١) مدني انعامات جو غور سان مُطالَعو ڪرڻ کان بعد اوهان هن نتيجي تي پهچندو ته هي دَراَصل پنهنجو مُحاسبو ڪرڻ ۽ مرڻ کان پهريان موت ۽ قبر وحشر جي تياري ڪرڻ جو هڪ جامع نِظام آهي، جنهن کي اپنائڻ کان بعد نيڪ بڻجڻ جي راهه ۾ ايندڙ رُڪاوٽون الله عَزَّوَجَلَّ جي فَضل وڪرم سان آهستي آهستي پري ٿي وينديون آهن ۽ ان جي بَرَڪت سان پابندِ سُنَّت بڻجڻ، گُناهن کان نَفرت ڪرڻ، ايمان جي حِفاظت ۽ قبر و حشر جي تياري ڪرڻ جي لاءِ فڪر ڪرڻ جو ذِهن بڻجندو آهي. اچو هن باري ۾ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا ته دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان نيڪ عملن جي رغبت ۽ فڪرِ آخرت ڪيتري قدر نصيب ٿيندي آهي:

## ولي سان نسبت جي بَرَڪت

بلال نگر (ضلع ننڪانه، پنجاب) ۾ مقيم هڪ اسلامي ڀيڻ جي مڪتوب جو خلاصو آهي: اسان جي گهر جا ڪل 9 ڀاتي هئا، محترم ڏاڏي جي علاوه باقي تمام ڀاتي شيخِ طريقت، اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان مريد هئا. جڏهن اسان جي ڏاڏي سائين پنهنجي ٻارن تي دعوتِ اسلامي جو چڙهندڙ مَدَني رنگ ڏٺو ته هو پاڻ به اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مريد ٿي ويو. مريد هئڻ جي بَرَڪت سان ان جي زندگي بلڪل بدلجي وئي. ڏاڙهي ته پهريان ئي هئي هاڻي ته عمامو به سجي ويو بلڪ وصيت به ڪئي ته منهنجي مرڻ ڪان بعد به مون کي باعمامه دفنايو وڃي. اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي دامنِ ڪرم سان وابستگي سندن زندگي ۾ مَدَني رنگ ڀري ڇڏيو هو فرض سان گڏوگڏ تَحِيةُ الوُضوء، اشراق و چاشت، اوّابين ۽ صلوٰة التوبه باقاعدگي سان پڙهڻ لڳو ۽ نفلي روزا ۽ شجري شريف جا وِرد وظيفا ۽ درود شريف پڙهڻ جو به معمول بڻجي ويو. اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي فڪرِ آخرت بابت رسالا مثلاً ”قيامت جو امتحان، مردي جا صدما، قبر جي پهرين رات، بادشاهن جون هڏيون“ نهايت ئي اهتمام سان ٻڌندا هئا ۽ آه و زاري ڪندي پنهنجي ايمان جي سلامتي جون دعائون گهرندا هئا. رَبّ قدير عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم سان اهڙي ڪيفيت ۾ انهن جا نهايت خوشگوارِ ڏينهن گذري رهيا هئا. رَمَضَانُ الْمُبَارَڪ 1428ھ جو بابرڪت مهينو پنهنجي دامن ۾ تمام گهڻيون رحمتون ۽ برڪتون کڻي اسان وٽ اچي پهتو. رَمَضَانُ المُبَارَڪ کان پهريان رجب ۽ شعبان جا روزا پڻ ڏاڏي جن اسان سان گڏ رکيا ۽ هن مبارڪ مهيني جا روزا به باقاعدگي سان رکندا رهيا. ان دوران اڪثر هو اسان کان پڇندا هئا ته ڇا جيڪو رمضان ۾ فوت ٿيندو آهي هو سڌو جنّت ۾ ويندو آهي؟ 26 رَمَضَانُ المُبَارَڪ جو عصر جي نماز پڙهي ۽ ليٽي پيا، ان ڏينهن هو بلڪل تندرست

هئا ۽ انهن کي ڪنهن قسم جي بيماري نہ هئي. اوچتو اتي ويهي رهيا ۽ هڪ دم سندن طبيعت خراب ٿي وئي اسان ڊوڙي آياسين انهن کي سهارو ڏئي سڌو ڪري ليٽايو، ان وقت سندن جسم بلڪل سخت ۽ ٿڌو ٿي چڪو هو. هي ڏسي سيني وڏي آواز سان ڪلمو شريف پڙهڻ لڳا. خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم 5 يا 6 منٽ بعد انهن چرپر ڪئي ۽ اٿي ويهي رهيا. انهن جو جسم پهريان جيان نرم ٿي ويو، اسان انهن کي زور ڏيڻ لڳاسين تہ چيائين منهنجو جسم بالڪل ٺيڪ آهي، تڪليف نہ آهي بس منهنجي دل گهبرائي رهي آهي. مسلسل هو چئي رهيا هئا تہ منهنجي دل گهبرائي رهي آهي. اسان چيو ڏاڏا سائين! اوهان روزو ٽوڙي ڇڏيو (ڇوتہ اسان انهن جي حالت ڏسي چڪا هئاسين) پر هو چوڻ لڳا نہ نہ مان روزو نہ ٽوڙيندس. خير ٿوري دير کان پوءِ افطار جو وقت بہ ٿي ويو، پوءِ انهن روزو کوليو، پاڻي پيتو ۽ ٿورا فروٽ بہ کاڌو ان کان پوءِ وري ليٽي پيا انهيءَ دوران حالت وڌيڪ خراب ٿي وئي ۽ مغرب جا ٽي فرض ليٽي ليٽي ئي ادا ڪيا. اسان سڀ ان ڳالهہ تي حيران هئاسين تہ ايتري خراب حالت جي باوجود هو هر ايندڙ کي سڃاڻي وٺندا هئا ۽ ان جي ڳالهہ بہ ٻڌي وٺندا هئا. ان دوران انهن جي زبان مان ڪو فضول شڪوه و شڪايت واري ڳالهہ نہ نڪتي بلڪ وڏي آواز سان ڪلمو شريف پڙهندا رهيا، انهن سان سيئي گهر وارا پڻ مسلسل وڏي آواز سان ڪلمو شريف پڙهي رهيا هئا. اسان جي ڏاڏا سائين هڪ ڀيرو نہ بلڪ ڪيئي ڀيرا وڏي آواز سان ڪلمو شريف لَآاِلٰہَ اِلَّااللّٰہ مُحَمَّدٌرَّسُوْلُ اللّٰہ پڙهيو ۽ اهڙي طرح ڪلمو پڙهندي پڙهندي عشاء جي اذان کان ڪجهہ دير پهريان هن دارِ ناپائيدار مان هميشہ جي لاءِ اکيون بند ڪري ڇڏيون. جيڪو بہ انهن جي قابلِ رشڪ موت بابت ٻڌوندو هو خوش ٿيندو هو، اڳئين ڏينهن 27 رمضانُ المبارڪ جو بعدِ نمازِ ظهر ڏاڏا سائين جي تڪفين وتدفين ڪئي وئي، وصيت موجب مٿي تي عمامو شريف بہ سجايو ويو، شجرو شريف، عهد نامو، نقشِ نعلِ پاڪ وغيره تبرڪات انهن جي قبر ۾ رکيا ويا. انهن جي

www.dawateislami.net

تدفين کان پوءِ اڳيئن ڏينهن انهن جي پوٽي جيڪو ان وقت اعتڪاف ۾ موجود هو خواب ۾ ڏاڏا سائين کي تمام سٺي حالت ۾ ڏٺو ان جي علاوه منهنجي وڏي ڀيڻ (يعني انهن جي پوٽي) کي بہ ڪيئي ڀيرا خواب ۾ سفيد ڪپڙن ۾ ملبوس، روشن چهري ۽ ڏاڙهي سان نظر آيا، گهر جي ڪيئي ٻين ڀاتين بہ ڪيئي ڀيرا انهن کي تمام سٺي حالت ۾ ڏٺو.

ادا ہو شکر تیرا کس زباں سے مالک و مولیٰ کہ تُو نے ہاتھ میں دامن دیا عطار کا یا رَبّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! آخرت جي تياري جي لاءِ قبر و حشر جي ياد تمام ضروري آهي ڇوتہ جڏهن ان دشوار گذار گهاٽين جو ڀوائتو منظر هر وقت اکين آڏو هوندو تہ ان کان بچڻ جو ذهن بڻجندو پر اسان آهيون جو پنهنجي قَبْر کي بلڪل وساري ويٺا آهيون، ڏينهون ڏينهن ماڻهن جا جنازا ڪڄندي ڏسڻ جي باوُجود هي نٿا سوچيون تہ هڪ ڏينهن اسان جو جنازو بہ کنيو ويندو، يقيناً اهي جنازا اسان جي لاءِ خاموش مبلِّغ جي حيثيت رکن ٿا. اهي جيڪو ڪجھ زبانِ حال مان چئي رهيا آهن ان کي ڪنهن اهڙي طرح نظم ڪيو آهي:

جنازہ آگے بڑھ کر کہہ رہا ہے اے جہاں والو! مِرے پیچھے چلے آؤ تمہارا رہنما میں ہوں

ياد رهي تہ آخرت جي ياد سان پنهنجي دل آباد رکڻ جي لاءِ قبرستان وڃڻ انتهائي مفيد آهي جيئن تہ خود سرڪارِ دو عالم،نُورِ مجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ قبرن جي زيارت جي ذريعي انهن مان عبرت ۽ فڪرِ آخرت حاصل ڪرڻ جي ترغيب ڏياريندي هڪ موقعي تي ارشاد فرمايو: مان توهان کي قبرن جي زيارت سان منع ڪندو هئس هاڻي اوهان قبرن جي زيارت ڪندا رهو ڇوتہ اهي قبرون دنيا کان بي رغبت ڪنديون ۽ آخرت جي ياد ڏياريندڙيون آهن.

(ابن ماجه،کتاب الجنائز،باب ماجاء في زيارة القبور، ۲/۲۵۲،حديث:۱۵۷۱)

## قبروارن جي صُحبت

هڪ دفعي حضرتِ سيدُنا ابو دَرداء رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْه قبرن وٽ وينا هئا، ان سلسلي ۾ انهن کان پڇيو ويو تہ فرمايائون، مان اهڙن ماڻهن وٽ وينل آهيان جيڪي آخِرت جي ياد ڏيارين ٿا ۽ جڏهن اٿان اٿندو آهيان تہ منهنجي غيبت ناهن ڪندا. (احياء العلوم،ڪتاب ذڪر الموت ،الباب السادس في اقاويل العارفين علي الجنائز ...الخ، ۲۳۲/۵)

حضرتِ سيدُنا رَبيع بن خَيثَم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه جو فڪرِ آخرت ۽ قبر ڪي ياد رکڻ جو نرالو انداز هو جو پنهنجي گهر ۾ هڪ قبر کوٽي هئي. جڏهن بہ پنهنجي دل ۾ ڪجهہ سختي محسوس ڪندا هئا تہ ان اندر وڃي ليٽي پوندا هئا ۽ جيتري دير اللّٰه تعاليٰ چاهيندو هو ان ۾ رهندا هئا، پوءِ اها تلاوت ڪندا هئا:

رَبِّ ارۡجِعُوۡنِ ﴿۹۹﴾ لَعَلِّیۡۤ اَعۡمَلُ صَالِحًا فِیۡمَا تَرَکۡتُ

ترجموڪنزالايمان: اي منهنجا رب مون کي واپس موڪل شايد هاڻي مان چڱوڪم ڪريان ان ۾ جيڪي ڇڏي آيو آهيان.

پوءِ پنهنجي نفس ڏانهن متوجهہ ٿي ڪري فرمائيندا هئا: اي ربيع! هاڻي توکي واپس موٽايو ويو آهي. (احياء العلوم،ڪتاب ذڪر الموت ،الباب السادس في اقاويل العارفين علي الجنائز ...الخ،۲۳۸/۵بتغير قليل)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت ۾ حضرت ربيع رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه جو پنهنجي پاڻ کي مُخاطَب ڪندي اهو چوڻ تہ” اي ربيع! هاڻي توکي واپس موٽايو ويو آهي“ هي صرف ۽ صرف پنهنجي نفس جي اصلاح جي لاءِ هو جو اي ربيع تون هي سمجهہ تہ زندگي جي باقي ڏينهن جي صورت ۾ تو کي هي موقعو نصيب ٿي رهيو آهي تہ تون نيڪ عمل جي ادائيگي جي ذريعي پنهنجي قبر ۽ آخرت کي سنواري وٺ.

نہ تہ حقيقت تہ هي آهي تہ موت سان همڪنار ٿيڻ ۽ قبر جي آغوش ۾ سمهڻ کان پوءِ ڪنهن شخص کي نيڪ ڪم ڪرڻ ۽ پنهنجي قبر و آخرت

www.dawateislami.net

بهتر بنائڻ جو موقعو ناهي ڏنو ويندو جيئن ته الله عَزَّ وَجَلَّ ايمان وارن کي خواب غفلت مان بيدار ڪندي ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اَنْفِقُوْا مِنْ مَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ فَيَقُوْلَ رَبِّ لَوْ لَاۤ اَخَّرْتَنِيْۤ اِلٰۤى اَجَلٍ قَرِيْبٍۙ فَاَصَّدَّقَ وَ اَكُنْ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۱۰﴾ وَ لَنْ يُّؤَخِّرَ اللّٰهُ نَفْسًا اِذَا جَآءَ اَجَلُهَاؕ وَ اللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۱﴾ (پ ۲۸، المنافقون:۱۱،۱۰)

ترجموڪنزالايمان: ۽ ڪجهه خرچ ڪيو اسان جي ڏني مان (اسان جي واٽ ۾) هن کان اڳ جو توهان مان ڪنهن تي موت اچي پوءِ چوي اي منهنجا رب تو مون کي ٿوري مدت تائين ڇو نه مهلت ڏنيجو مان صدقو ڏيان ها ۽ نيڪين مان ٿيان ها ۽ الله هرگز ڪنهن به جان کي مهلت نه ڏيندو جڏهن ان جو وقت اچي وڃي ۽ الله کي توهان جي ڪمن جي خبر آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته مرڻ کان پوءِ انسان کي دنيا ۾ نيڪ ڪم نه ڪرڻ تي حسرت ٿيندي ۽ نيڪ ڪم جي مهلت گهرڻ جي باوجود ان کي مهلت نه ڏني ويندي تنهنڪري عقلمند شخص اهو ئي آهي جيڪو جيترو دنيا ۾ رهڻ آهي اوترو دنيا جي لاءِ ۽ جيترو ڊگهو عرصو قبر ۽ آخرت جو آهي، اوترو قبر و آخرت جي لاءِ تياري ۾ مشغول رهي ۽ قبر و آخرت جي عذاب کان الله عَزَّوَجَلَّ جي پناه گهرڻ گهرجي.

حضرت سَيدُنا براء بن عازب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ بيان ڪن ٿا ته اسان رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ هڪ انصاري صحابي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي جنازي ۾ وياسين. نبي اَڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن اوهان آسمان ڏانهن ڏسندا هئا ڪڏهن زمين ڏانهن، پاڻ تي پيرا اهڙي طرح نگاهه ڪٽي جهڪايون ۽ پوءِ بارگاه الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ دُعا ڪئي: اَللّٰهُمَّ اِنِّىۡ اَعُوْذُبِكَ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان عذابِ قبر کان تنهنجي پناه چاهيان ٿو. (المستدرڪ، ڪتاب الايمان، باب مجيء ملڪ الموت عند قبض الروح...الخ، ۱/۱۹۹،حديث: ۱۱۴، ملتقطاً)

براءَت دے عذابِ قبر سے نارِ جہنّم سے
مہِ شعبان کے صدقے میں کر فضل و کرم مولیٰ

www.dawateislami.net

گُنہ کرتے ہوئے گر مَر گیا تو کیا کروں گا میں
بنے گا ہائے میرا کیا کرم فرما کرم مولیٰ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قبر جي عذاب کان بچڻ جي لاءِ دعا سان گڏوگڏ قبر و حشر ۾ عذابِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ کان نجات ڏياريندڙ عمل بہ ڪرڻ گهرجن. اچو هن باري ۾ بہ حديث سڳوريون پڙهون ٿا.

## قَبر ۾ مدد ڪرڻ وارا عمل

حضرتِ سيدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه فرمائن ٿا: جڏهن (مومن) مُردي کي قبر ۾ رکيو ويندو آهي تہ (عذاب جي روڪٿام جي لاءِ) نماز ان جي مٿي جي طرف کان، زڪوٰة ساڄي پاسي کان، روزو کاٻي پاسي کان، صدقو، صلہ رحمي ۽ ماڻهن سان حسن سلوڪ سان پيش اچڻ پيراندي واري پاسي کان ايندا آهن. پوءِ جڏهن عذاب ان جي مٿي واري پاسي کان ايندو آهي تہ نماز چوندي آهي منهنجي پاسي کان ڪو رستو ناهي، جيڪڏهن ساڄي پاسي کان اچي تہ زڪوة چوندي آهي منهنجي پاسي کان بہ ڪوئي رستو ناهي، جيڪڏهن عذاب کاٻي پاسي کان ايندو آهي تہ روزو چوندو آهي مون وٽان پڻ ڪا گهٽتي ناهي، جيڪڏهن عذاب پيراندي کان اچي تہ صدقو (۽ ٻيا نيڪ عمل) چوندا آهن اسان جي پاسي کان بہ داخلي جي ڪا راهه ناهي.
(مصنف عبدالرزاق ،ڪتاب الجنائز، باب الصبر والبکا ء والنياحة،٣٢٦/٣، حديث: ٦٤٣٢)

اهڙي طرح اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: بي شڪ قرآن ۾ ٽيهہ (30) آيتن تي مشتمل هڪ سورت آهي جيڪا پنهنجي پڙهڻ واري جي لاءِ شفاعت ڪندي رهندي ايستائين جو ان جي مغفرت ڪئي ويندي ۽ اها سُورَةُ الۡمُلک آهي. (ترمذي،ڪتاب فضائل القرآن ،باب ماجاء في فضل سورة الملک، ٤٠٨/٤، حديث:٢٩٠٠)

اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ! مدني انعامات تي عمل ڪرڻ وارا خوش نصيب عاشقانِ رسول، هن فضيلت ڪي ماڻڻ جي سعادت حاصل ڪندا هوندا، ڇاڪاڻ ته سُوره مُلڪ جي تلاوت روزاني جي مدني انعامات ۾ به شامل آهي.

بے وفا دنیا پہ مت کر اعتبار تو اچانک موت کا ہوگا شکار
جب فرشتہ موت کا چھا جائے گا پھر بچا کوئی نہ تجھ کو پائے گا
قبر روزانہ یہ کرتی ہے پکار مجھ میں ہیں کیڑے مکوڑے بے شمار
یاد رکھ میں ہوں اندھیری کوٹھڑی تجھ کوہوگی مجھ میں سن وحشت بڑی
میرے اندر تو اکیلا آئے گا ہاں مگر اعمال لیتا آئے گا
گور نیکاں باغ ہوگی خلد کا مجرموں کی قبر دوزخ کا گڑھا
کر لے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اعتڪاف جي ترغيب

منا منا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ رَمَضانُ المُبارَڪ جي آمد آمد آهي ۽ هن مُبارَڪ مهيني جي برڪتن جي ڇا ڳالھ ڪجي! هن مهيني ۾ عبادت ۽ تلاوت ۽ ذِڪر و دُرُود جي ڪثرت ڪري پنهنجي اعمال نامي ۾ گهڻيون نيڪيون لکائڻ جا موقعا وڏي ويندا آهن . هن مهيني ۾ نيڪين ۾ اضافو ڪرڻ ۽ پاڻ کي گُناهن کان بچائڻ ۽ خوب خوب علم دين حاصل ڪرڻ جو بهترين ذريعو سڄي رمضان جي مهيني يا آخري عشري جو اِعتڪاف به آهي. ۽ اعتڪاف جي فضيلت جو اندازو هن حديثِ پاڪ مان لڳي سگهو ٿا ته اُمّ المُؤمِنين حضرتِ سَيِّدَتُنا عائِشه صِدّيقه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان رِوايت هي ته سرڪارِ ابد قرار، شفيعِ روزِ شمار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خوشبودار آهي: مَنِ

اعْتَكَفَ اِيمانًا وَّاحْتِسَابًا غُفِرَلَه مَاتَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ يعني جنهن شخص ايمان سان ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتِڪاف ڪيو، ان جا اڳوڻا سمورا گُناهه بخشيا ويندا." (جامع صغير ص٥١٦الحديث٨٤٨٠)

منا منا اسلامي ڀائرو! تي سگهي ته هر سال نه ته زِندگي ۾ گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو ته سڄي رَمَضانُ المبارَڪ جو اِعتڪاف ڪرڻ ئي گهرجي.اسان جا پيارا آقا، منا منا مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله جي رضا جي لاءِ هر وقت ڪمر بستہ رهندا هئا، ۽ خصُوصاً رَمَضان شريف ۾ عبادت جو خُوب اهتِمام ڪندا هئا. جيئن ته رَمَضان جي مهيني ۾ ئي شبِ قدر کي به پوشيده رکيو ويو آهي، ان ڪري ان مُبارَڪ رات کي ڳولهڻ جي لاءِ پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڀيرو سڄي مبارَڪ مهيني جو اعتِڪاف ڪيو. ۽هونئين به مسجِد ۾ رهڻ نهايت وڏي سَعادَت آهي ۽ مُعتَڪف جي ته ڇا ڳالهه آهي جو رِضاءِ الٰهي عَزَّ وَجَلَّ حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي پاڻ کي سيني مصروفيتن کان فارِغ ڪري مسجِد ۾ ويهي رهندو آهي. فتاويٰ عالمگيري ۾ آهي: "اعتِڪاف جون خوبيون بلڪل ئي ظاهر آهن، ڇوته هن ۾ ٻانهو الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪمّل طور تي پنهنجي پاڻ کي الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ مصروف ڪندو آهي ۽ دُنيا جي ان تمام مصروفيتن کان جدا ٿي ويندو آهي جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي قُرب جي راهه ۾ حائل ٿينديون آهن ۽ مُعتَڪف جو سمورو وقت حَقيقةً يا حُڪماً نَماز ۾ گذرندو آهي. (ڇوته نَماز جو انتِظار ڪرڻ به نماز جيان ثواب رکي ٿو) ۽ اعتِڪاف جو اَصل مقصد جماعت سان نَماز جو انتِظار ڪرڻ آهي ۽ مُعتَڪف ان (ملائڪن) کان مُشابَهت رکي ٿو جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم جي نافرماني نه ڪندا آهن ۽ جيڪو انهن کي حُڪم ملندو آهي ان کي ادا ڪندا آهن ۽ انهن سان مُشابَهت رکي ٿو جيڪي ڏينهن رات الله عَزَّوَجَلَّ جي تسبيح (پاڪي) بيان ڪندا رَهندا آهن ۽ ان کان بيزار ناهن ٿيندا. (فتاوی عالمگيري ج١ ص٢١٢)

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته اِعتڪاف دَوران نيڪيون ڪرڻ جا ڪيتري قدر مَوقعا ملندا آهن اسان کي به هر سال نه سهي گهٽ مان گهٽ زندگي ۾ هڪ ڀيرو هن اَداءِ مصطفٰي کي ادا ڪندي سڄي مهيني رَمَضانُ الْمُبارَڪ جو اِعتِڪاف ڪرڻ ئي گهرجي ۽ ٻين کي ان جي ترغيب ڏيارڻ گهرجي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلّ هن سال به دعوتِ اسلامي تحت سڄي دنيا ۾ سڄي رمضان ۽ آخري عشري جي سُنّت اعتڪاف جي ترڪيب ٿيندي، دُنياءِ دعوتِ اسلامي ۾ سڀ کان وڏو اعتڪاف عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ (ڪراچي) ۾ ٿيندو آهي ،جنهن ۾ هن سال به اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلّ شيخِ طريقت ،اميرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه به معتڪف ٿيندا. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلّ اعتڪاف ۾ وضو ۽ غسل، نماز ۽ روزي ۽ ٻين شرعي مسئلن سان گڏوگڏ روزانو 2 مدني مذاڪرن جي ذريعي شيخِ طريقت ،اميرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه سان ڪيل سُوالن جا دِلچسپ جوابن سان معلومات جو وڏو خزانو هٿ ايندو آهي. اميرِ اهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي مُبارڪ صحبت ملندي آهي، عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ باب المدينہ ڪراچي ۾ ٿيڻ واري سڄي رمضان جي مهيني واري اِعتڪاف جي تيارين کي ويتر تيز ڪري ڇڏيو.

عالمي مدني مرڪز جي علاوه ٻين ڪيئي شهرن ۾ به سڄي رمضان جي مهيني جو اعتڪاف ٿيندو، تمام عاشقانِ رمضان پنهنجي متعلق شهر جي ذمہ داران کان ان جي معلومات حاصل ڪري هينئر کان تياري شروع ڪري ڇڏيو.

رحمتِ حق سے دامن تم آکر بھرو مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
سنّتیں سیکھنے کے لیے آؤ تم مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
تم سُدھر جاؤ گے پاؤ گے برکتیں مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
فضلِ ربّ سے ہدایت بھی مل جائے گی مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

نیکیوں کا تمھیں خوب جذبہ مِلے مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
ربّ کی رحمت سے جنّت میں پاؤ گے گھر مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

(وسائلِ بخشش مرمم، ص،639)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مدني عطيات جي ترغيب

دعوتِ اسلامي تبليغِ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ آهي، جنهن جو مدني پيغام هينئر تائين ڪم و بيش 200 ملڪن ۾ پهچي چڪو آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي خدمتِ دِين جي تقريباً 103شعبن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي، صرف جامعة المدينہ (للبنين و للبنات)، مدرسة المدينہ (للبنين و للبنات)، مدرسة المدينہ آن لائن (للبنين و للبنات) ۽ مدني چينل جا سالانہ اخراجات ڪروڙين نہ اربين روپين ۾ آهن،

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن وقت ملڪ و بيرونِ ملڪ 481 جامعة المدينہ (للبنين و للبنات) قائم آهن، جنهن ۾ ڪم و بيش 34879 (چوٽيهہ هزار اٺ سو اوڻاسي) شاگرد ۽ شاگردياڻيون درسِ نظامي ڪري رهيون آهن. اهڙي طرح ملڪ و بيرونِ ملڪ 2585 (ٻہ هزارپنج سو پنجاسي) مدرسة المدينہ (للبنين و للبنات جُز وقتي، ڪل وقتي رهائشي) قائم آهن، جنهن ۾ ڪم و بيش121971 (هڪ لک ايڪويهہ هزار نو سو ايڪهتر) مدني مُنّا ۽ مدني مُنّيون، في سبيل الله حفظ و ناظره جي تعليم حاصل ڪري رهيون آهن.مسجدن جي تعمير جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ”مجلس خدام المساجد“مصروفِ عمل آهي. هن مجلس جي ڪوشش سان ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ تقريباً 2000 (ٻہ هزار) مسجدون ٺڪايون ويون آهن جڏهن تہ هي سٽون لکڻ تائين رڳو پاڪستان ۾ ڪم و بيش 510 مسجدون زيرِ تعمير آهن. خصوصي اسلامي ڀائرن (يعني گُونگن، ٻوڙن ۽

نابين) اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن ۾ بہ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي، وقتاً فوقتاً گُونگا، ٻوڙا ۽ نابين اسلامي ڀائرن جا مدني قافلا بہ هڪ شهر کان ٻئي شهر ۾ سفر ڪندا آهن،مختلف ڪورسز بہ ڪرايا ويندا آهن،

دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي لاءِ زڪوٰة، صدقات،مدني عطيات ڏيڻ سان گڏوگڏ پنهنجي رِشتيدارن، پاڙيسرين، دوستن تي اِنفرادي ڪوشش ڪري انهن کي بہ راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جا فضائل ٻڌائي مدني عطيات گڏ ڪيو.

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:صدقو بُرائي جا 70 دروازا بند ڪري ٿو، فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:صدقو بُري موت کي روڪي ٿو. اِجتماع جي اِختتام تي مدني عطيات گڏ ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جا ذمہ دار موجود هوندا، ٿي سگهي تہ هٿو هٿ جيترو ممڪن هجي، اسان بہ راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ وارن ۾ شامل ٿي وڃون، جيڪڏهن بعد ۾ مدني عطيات جمع ڪرائڻ جو ذهن هجي تہ ذِمہ دارن کي پنهنجو نالو، رابطو نمبر ۽ نيتون لکائي ڇڏيو تہ جيئن بعد ۾ اوهان سان رابطو ڪري سگهجي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! 15 شعبان جي روزي جي هڪ خاص فضيلت آهي، اچو ٻڌو ۽ روزو رکڻ جو ذهن ٺاهيو، سُبْحَانَ اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ! هن ڀيري 15 شعبان جو روزو جمعة المبارڪ جي ڏينهن ٿيندو، اچو! جمعي جي ڏينهن ۽ بالخصوص 15 شعبان المعظم جي روزي جي فضيلت ٻڌون ٿا.

## 15 شَعبان جو روزو

حضرتِ سَيدُنا علي المُرتَضٰي، شيرِ خدا ڪرم الله تعالي وجهه الڪريم کان روايت آهي تہ نبي ڪريم، رءِ وُفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظيم آهي: جڏهن

پندرهين شعبان جي رات اچي تہ انهيءَ ۾ قيام (يعني عبادت) ڪريو ۽ ڏينهن ۾ روزو رکو. بيشڪ الله تعاليٰ سج لهڻ کان آسمانِ دنيا تي خاص تجلّي فرمائيندو ۽ چوندو آهي: ”آهي ڪو مون کان مغفرت گُهرڻ وارو جو ان کي بخشي ڇڏيان! آهي ڪو روزيءَ گهرڻ وارو جو ان کي روزي ڏيان! آهي ڪو مصيبت ۾ ڦاٿل جو ان کي عافيّت عطا ڪريان! آهي ڪو اهڙو! آهي ڪو اهڙو! ۽ اهو انهيءَ وقت تائين فرمائيندو آهي جو فجر ظاهر ٿي وڃي. (سُنَنِ اِبن ماجه ج٢، ص١٦٠حديث ١٣٨٨)

## جُمُعي جي روزن جون 3 فضيلتون

(1) حضرتِ سَيِدُنا عبدالله ابنِ عبّاس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهما کان رِوايت آهي، سُلطانِ دو جهان، رَحمتِ عالَمِيان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نِشان آهي، جنهن اربع، جُمعرات ۽ جُمُعي جو روزو رکيو، الله تعاليٰ ان جي لاءِ جنّت ۾ هڪ گهر ٺاهيندو جنهن جو ٻاهريون حصّو اندر کان نظر ايندو ۽ اندريون ٻاهران کان. (مَجمَعُ الزَّوَائِد ج٣ ص452حديث5204)

(2) حضرتِ سَيِدُنااَنَس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان رِوايت آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ (يعني اربع، جُمعرات ۽ جُمُعي جو روزو رکڻ واري جي لاءِ جنّت ۾) موتي ۽ ياقوت ۽ زَبَرجَد جو مَحَل ٺاهيندو ۽ ان جي لاءِ دوزخ کان بَراءَت (يعني آزادي) لکي ويندي. (شُعَبُ الايمان ج٣ص397حديث3873)

(3) حضرتِ سَيِدُنا عبدالله ابنِ عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جي رِوايت ۾ آهي ، جيڪو هنن 3 ڏينهن جا روزا رکي پوءِ جُمُعي جي ڏينهن ٿورو يا گهڻو تصدُّق (يعني خيرات) ڪري تہ جيڪي گُناهہ ڪيا آهن، بخشيا ويندا ۽ ائين ٿي ويندو جيئن ان ڏينهن جيان جڏهن ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو هو. (اَلْمُعجَمُ الکبِير ج12ص266حديث13308)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## بيان جو خُلاصو

اڄ جي بيان ۾ اسان موت ۽ قبر جي تياري جي باري ۾ ٻڌو تہ انسان کي کپي تہ پنهنجي زندگي ئي ۾ نيڪ عمل ڪري پنهنجي قبر و آخرت کي بهتر بنائڻ ۾ مصروف رهي ۽ فاني دُنيا جي رنگينن سان دل نہ وندرائي، خدانخواستہ جيڪڏهن نيڪ عملن کان محرومي رهي ۽ موت اچي وئي تہ گُناهگار مردي سان قبر انتهائي ڀيانڪ سلوڪ ڪندي آهي جيئن تہ اسان حڪايت ۾ ٻڌو تہ گُناهگار مردي جو ڪفن ڦاڙي قبر ان جي سنڌن کي جدا ڪري ڇڏيندي آهي ۽ ان جي جسم جا ٽڪر ٽڪر ڪندي آهي تنهنڪري اسان کي کپي تہ گُناهن کان پري رهون ڇوتہ گُناهہ ڪڏهن موت جي وقت ايمان جهڙي نعمت کسجڻ جو بہ سبب بڻجي ويندا آهن خدانخواستہ جيڪڏهن ڪو شخص نماز ۾ سُستي ،شراب نوشي، والدين جي نافرماني يا وري مسلمانن جي ايذا رساني جهڙي بُري عادت ۾ مبتلا آهي تہ هڪدم سچي توبہ ڪري ڇوتہ انهن گُناهن کي تہ خصوصيت سان عالم سڳورن ايمان کسجڻ جي سببن ۾ شمار ڪيو آهي اهڙي طرح چغلي ۽ حسد بہ ايمان کي برباد ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهن ٿا، تنهنڪري اسان کي انهن ۽ ٻين سمورن گُناهن کان بچندي نيڪين جي ئي ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ جيئن موت ۽ قبر و حشر جي معاملن ۾ آساني ٿئي، حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْه حضرت عُثمانِ غني رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْه ۽ خود اسان جي پياري آقا مڪي مدني مُصطفٰي صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ قبر جي تياري جي لاءِ نيڪ عملن جو ذخيرو ڪرڻ جي ترغيب ارشاد فرمائي.

اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ اسان کي پنهنجي محبوب ﷺ جي صدقي موت ۽ قبر و حشر جي تمام معاملات ۾ ثابت قدمي نصيب فرمائي ۽ دُنيا مان ايمان سلامت وٺي وڃڻ نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاھِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،۱/۵۵،حديث:۱۷۵)

ان کی سنَّت کا جو آئنہ دار ہے بس وُہی تَو جہاں میں سمجھدار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هلڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”163مدني گل“ مان هلڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا:

سيپاري 15 سورهءِ بني اسرائيل آيت نمبر 37 ۾ ارشاد ربُّ العِبَاد آهي:

وَ لَا تَمْشِ فِي الْاَرْضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ لَنْ تَخْرِقَ الْاَرْضَ وَلَنْ تَبْلُغَ الْجِبَالَ طُوْلًا ﴿۳۷﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ زمين ۾ آڪڙ ڪري نہ هل بيشڪ تون زمين کي هرگز چيري نہ سگھندين ۽ هرگز پهاڙن جي اوچائي کي نہ پهچندين.

❀ **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: هڪ شخص ٻہ چادرون پائي تڪَبُّر سان هلي رهيو هو ۽ گھمنڊ ۾ هو اهو زمين ۾ داخل ڪيو ويو ۽ اهو قيامت تائين زمين ۾ داخل ڪيو ويندو. (مُسلِم،كتاب اللباس والزينة،باب تحريم التبختر فى المشى...الخ،ص۱۱۵٦،حديث:۲۰۸۸) ❀ رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هلندا هئا تہ ڪجھ اڳيان طرف جهڪي هلندا هئا ڄڻ تہ پاڻ مٿانهون کان هيٺ پيا لهن. (الشمائل المحمدية للترمذى، باب ما جاء فى مشية رسول الله ، ص۸۷ ، رقم :۱۱۸) ❀ جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ

www.dawateislami.net

نہ هجي تہ رستي جي ڪناري وچٽري چال هلو، نہ ايترو تيز جو ماڻهن جون نگاهون اوهان ڏانهن ٿين تہ تڪڙو تڪڙو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي! نہ ايترو آهستي جو ڏسڻ واري کي اوهان بيمار لڳو. ❀راهہ تي هلڻ وقت بِلا ضرورت هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ سنّت ناهي، نگاهون هيٺ ڪري پُروَقار طريقي سان هلو.❀ هلڻ يا ڏاڪڻ تان لهڻ مهل هي احتياط ڪيو تہ جوتن جو آواز پيدا نہ ٿئي. ❀ رستي تي بہ عورتون بيٺيون هجن يا وڃي رهيون هجن تہ انهن جي وچ مان نہ گذرو جو حديث پاڪ ۾ هن جي مُمانعت آيل آهي. (ابوداود ،کتاب الادب،باب فی مشی النساء مع الرجال فی الطریق، ۴/۴۷۰،حدیث:۵۲۷۳) ❀ ڪجهہ ماڻهن جي عادت هوندي آهي تہ رستي تي هلندي جيڪا بہ شيء سامهون آئي ان کي لتون هڻندي گذرندا آهن، هي بالڪل غير مُهَذَّب طريقو آهي ائين ڪرڻ سان ڪنهن جو پير زخمي ٿيڻ جو انديشو آهي ۽ اخبار يا لڪائي وارن دٻن، پيڪٽن، ۽ مِنرل واٽر جي خالي بوتلن وغيره کي لت هڻڻ بي ادبي بہ آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتين ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڑهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

عاشقانِ رسول، آئیں سنت کے پھول
دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.(2)

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## (6) دُرُود شَفَاعت

---

[1]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1 ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

2 ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net